# ڪينجهر

(٤)

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

١٩٩٠

# ڪينجھر

(تحقيقي جرنل)

## ۴

ايڊيٽوريل بورڊ
□ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
□ ڊاڪٽر قاضي خادم

سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي
ڄامشورو
۱۹۹۰

# ڪينجهر - ۴

۱۹۹۰

سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي

هي ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس، اولڊ ڪئمپس، حيدرآباد ۾ ڇپيو.
فون نمبر 27039

# ترتيب


| | | | |
|---|---|---|---|
| | ٻه اکر | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | |
| ١ - | قديم سنڌي شعر جو مطالعو | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ١ |
| ٢ - | شاهه جي ڪلام ۾ رنگن جو مقصد | ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ | ٣٢ |
| ٣ - | سنڌي خاڪا نويسيءَ جي ارتقا | ڊاڪٽر قاضي خادم | ٨٣ |
| ٤ - | عزيز جي مضمون نويسي | عبدالقيوم صائب | ١٠٧ |
| ٥ - | سام جهلڻ- هڪ سنڌي ريت | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | ١٢٩ |
| ٦ - | ڊاڪٽر ٽرمپ جون سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتون | هدايت پريم | ١٣٩ |
| ٧ - | شاهه ڪريم جو شاهه لطيف تي اثر | نور افروز خواجه | ١٤٤ |
| ٨ - | تنوير عباسي جي پنهنجي اصل ڏانهن مراجعت | سحر امداد | ١٥٥ |
| ٩ - | پي ايڇ - ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست | | ١٦٩ |
| ١٠ - | سرگرميون | | ١٧٦ |

منهنجو عرض آهي تہ ٻهرين هن ڳالهہ جي چوند ڪجي تہ ڇا ڪرڻو آهي. لڏل شين تي وري ويهي لکڻ تحقيق نہ آهي. تحقيق ۽ کوجنا تہ ڪجهہ ليڻ، ڪجهہ نئون هٿ ڪرڻ لاءِ ڪبي آهي. آسان ڳالهين کان مشڪل ڳالهين ڏي وڃڻ کپي. آسان پيچري کان دشوار گذار رستن ۽ سنگلاخ ٻهاڙن جو پند ٻچڻ کپي.

جيڪڏهن پنهنجي يونيورسٽيءَ کي نظر ۾ رکي ڪم ڪرڻو آهي تہ پنهنجن ذريعن ۽ وسيلن جي اندر رهي ڇا ڪورڻ ڪرڻ کپي. هن سلسلي ۾ آءُ چند تجويزون عرض رکان ٿو.

١ - ڪئمپس تي موجود لئبررين مان پرپور فائدو وٺڻ کپي.

٢ - اهل ماڻهن وٽ صلاح مشوري لاءِ وڃڻ کپي ۽ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ قريب ۽ دور ايراضين ۾ هلي وڃڻ کپي.

٣ - يونيورسٽي تحقيق لاءِ رقم مخصوص ڪري ۽ آن جي انصاف پري تقسيم ڪري. ڏنل مدي اندر تحقيقي رٽا طلب ڪري. تحقيقي رٽا جي رقم ٻئي ڪنهن مد ۾ خرچ نہ ڪجي.

٤ - شعبي جو صدر ۽ ڊين رٽا جي ڪٽ ڪن.

سنڌي شعبي جا هي چند مقالا اسان جي محنت ۽ جذبي جو ثمر آهن. تحقيق ۽ تحرير ۾ هر ڳالهہ آخري نہ ٿيندي آهي. هڪ ڪوشش ۽ ڪاوش آهي. ڀ مقالا يونيورسٽيءَ کان ٻاهر جي محققن جا آهن، جن جو آءٌ ٿورائتو آهيان. اميد تہ آئنهدي ٻہ سندن سهڪار رهندو.

فقط

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# قديم سنڌي شعر جو مطالعو

ابتدا :

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌي هڪ قديم ۽ ٻنائتي زبان آهي. سنڌيءَ ۾ ادب جي روايت بہ قديم آهي ۽ اندازو آهي تہ اُن ۾ قديم ۽ هاڻي متروڪ رسم الخط ۾ بہ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو هوندو. اهو ذخيرو هاڻي ڪنهن بہ ريت هٿيڪو نٿو ٿي سگهي، تنهنڪري سنڌيءَ جي حقيقي ادبي تاريخ آتان شروع ٿئي ٿي، جتان ڪان لکيت ۾ مواد حاصل ٿيو آهي.

سنڌي ادب ۾ ڪي تذڪرا ۽ ڪي تاريخون موجود آهن، جن جي بنياد تي شاعرن ۽ ادبين جي ڪم جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. اڪثر ماخذ فارسيءَ وارا آهن. انهن ۾ مير علي شير قانع اهم آهي، جنهن پراڻن شاعرن کان ابتدا ڪئي ۽ اهڙي طرح تذڪرو بنيادي طور اول آيو، جنهن ۾ ٿوري سوانح ۽ ڪلام جي انتخاب سان ڪنهن شاعر جو ذڪر ڪيو ويو. تفصيلي تاريخون بعد ۾ آيون. سنڌيءَ ۾ جيڪي عام تذڪرا، مقامي تذڪرا ۽ ادبي تاريخون آهن، تن جو تفصيلي جائزو مون پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ ورتو آهي. هتي ان ڳالهہ کي وري ورجايان ڪونہ ٿو. فقط ايترو عرض ڪندس تہ تذڪري ۽ تاريخ کان پوءِ دنيا جي ادبيات

وجوديت جي شارحن سارتر (Sartre) مارسيل (Morcel) هيڊيگر (Heidegger) يا جيسپرس (Jaspers) ۽ ٻين اڪثر يورپي تخليق ڪارن جي ڪم ڪي تحقيق ۽ تنقيد ۾ ورتو ويو آهي. اسان وٽ وجوديت جي حوالي سان سارتر جو نالو پهرين اچي ٿو. وجوديت بابت ايترو هرڪو ڄاڻي سگهي ٿو ته هن نظرئي موجب ڪائنات جي نظام کي بي ترتيب، بي معنيٰ ۽ آلڙيل سڏيو ويو ۽ ادب پارن سان به اهوئي ظاهر ٿيو. وجوديت تصوف وانگر اهڙو نظريو نه آهي جنهن جي هڪ ئي وصف هجي ۽ هر ليکڪ ان کي نهايت ادب سان اختيار ڪري ويٺو هجي.

روايتي ڪلاسيڪي فلسفي ۾ سقراط وٽ وجوديت جو تاثر ملي ٿو، پر ڪرڪيگارڊ (۱۸۱۳-۵۵ع) هن فلسفي کي پهريون پيرو کولي سمجهايو آهي، جيڪو هڪ پادري هو. هُن جي چوڻ موجب وجود کي سائنس ۽ منطق سان ڄاڻڻ مشڪل آهي. هائيڊيگر جي خيال ۾ انسان هن دنيا ۾ اڇليو ويو آهي ۽ وجود مستقبل ڏانهن محو سفر آهي.

اڪثر مفڪرن وجوديت بابت پنهنجا پنهنجا نظريا ظاهر ڪيا آهن. ڊارون چوي ٿو: ”انسان پنهنجي اعليٰ قوتن هوندي به پنهن جي جسماني حالت ۾ پست آغاز بابت هڪ اڻ مٽ ڇاپ رکي ٿو. برٽرانڊ رسل ۽ ٻين فلسفي ۽ رياضي علمن جي ذريعي عقليت جي بنياد تي فلسفي جو مطالعو ڪيو. وجوديت وري غير عقلي لاڙن جي نشاندهي ڪري ٿي. وجوديت جون داخلي وارداتون ڏک، دهشت، موت، بوريت، مايوسي ۽ جرم آهن. ٻين لفظن ۾ هي قنوطيت جو فلسفو آهي. ادب ۾ وجوديت جو وڏو نمائندو جيڪو

تحريڪ آهي، جيڪا ١٩٢٠ع ۽ ١٩٣٠ع واري دؤر ۾ فرانس ۾ آئي. هي هڪ رد عمل هو قائم ٿيل جمالياتي روايتن جي خلاف توڙي رسمن کي ٽوڙڻ لاءِ، سريئلزم کي مڃڻ وارن جو نئون سچ تخليق ڪرڻ جو جذبو هو، جيئن هو پنهنجي ادراڪ سان ظاهري دنيا جي حقيقتن کي سمجهي سگهن (١).

ٻهريون پيرو هي لفظ شاعر Guillaume apollinaire پنهنجي سوانحي ناول ۾ ١٩١٦ع ۾ ڪم آندو ۽ مقبول ڪيو (٢). سريئلزم کي رائج ڪرڻ وارن اهڙو فن ٽي تخليق ڪرڻ گهريو، جيڪو قائم ٿيل جمالياتي ۽ اخلاقي روايتن کان آزاد هجي. هنن عام طور مضمون ڪم آندا جيڪي خوابن، وهمن ۽ خوشفهمين توڙي پين لاشعوري روين بابت هئا. هن سلسلي جا اهم ليکڪ: بريٽن، پال ايلياڊ ۽ ريني چار وغيره هئا ١٩٣٠ع ۾ مصور به نمايان ٿيا (٣).

اِهي لاڙا آخري Latest آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ آهستي آهستي ويهين صديءَ جي آخر تائين ظاهر ٿيا آهن. پر بنيادي لاڙو مذهب هو ۽ پوءِ اُن تصوف جي شڪل اختيار ڪئي. اهڙو وايو منڊل قائم ٿيو، جو جيڪي صوفي نه هئا، انهن به تصوف جو انداز اختيار ڪيو.

سنڌ، پراڻي زماني ۾ جيتري پکيڙ ۾ وڏيڪ هئي، اوترو سنڌي شاعريءَ جو دائرو وسيع هو. ڪڇ، گجرات، راجستان ۽ لس ٻيلي سان مليل سنڌي شهر اُن جو ثبوت آهن، سنڌ جو شاعر ڪبير شاه هتان هلي لس ٻيلي ۾ شيخ ابراهيم خان شاعرانه ماڪو

(1) Encyclopedia Americana, Vol. 26, 1987, p. 69.
(2) Ibid. p. 69.
(3) Ibid. p. 69.

سهجو :

چلنا هي رهنا نهين ، چلنا بسو بيس ،
سهجو تنک سهاگ پر کيون گندواء کيس .

ترجمو :

هلڻو آه رهڻو ناهي ، هلڻو آخرڪار ،
سهجو ٿڌي سهاڳ تي ، ڇو ويڙهيائين وار .

سهجو :

بانهن ڇڙاء جات هو ، نبل جان ڪي موهي ،
هردء م سي جانوگي ، مرد بندون گي توهي .

ترجمو :

بانهن ڇڏايو تو وڃين ، نبل ڄاڻي مون ،
دل منجهان ويندين جڏهن ، مرد ٻوء چنبين تون .

(منتخبات هندي ڪلام ، از ڊاڪٽر جعفر حسين)

هڪڙو بيت ڪنهن ڪان زباني ٻڌو اٿم . شايد ڪنهن ٻئي شاعر يا شاعره جو هجي ، اهو هي آهي - ع

سونا لاون پي گئي ، سونا ڪر گئي ديس ،
سونا ملا نه پي ملا ، روپا هوگئي ڪيس .

سون ان جو تازو ١٩٩٠ع ۾ هيئن ترجمو ڪيو آهي .

سون کڻڻ ويو سپرين ، سڃو ڪري ديس ،
سون مليو نه پرين وريو ، روپا ٿي ويا ڪيس .

هنديء ۽ سنڌيء جو هيئن شعر ۾ اثر ۽ ربط گهڻو ئي آهي .

سنڌي شاعري ڪيتري قديم آهي ، ان تي خاص طور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحقيق ڪئي آهي . ڊاڪٽر صاحب پنهنجي

بن علمي بندگي ڪري ، تو بندگي سچي سار ،
جيون نت اٿ راهہ چلڻا ، آخر اڄڙ واس .

ستگر نور ڪانپوء پير شمس تيرهين صدي عيسويءَ ۾ تبليغ ڪئي . پر جيڪو داعي وڏو شاعر بہ ٿي آيو سو پير صدر الدين (١٢٩٠ - ١٣١٩ع) آهي . سندس ڪلام گنان جي عنوان سان مشهور آهي . پير صدرالدين جو ڪلام سنڌي ، هندي ، ملتاني ۽ گجراتيءَ ۾ آهي . ڪڇي ۽ لاڙي محاوري ۾ سندس ڪلام آهي . پير صاحب جو گنان "آئي الله نہ گهرين بندا تون ستين ساري رات"، گهڻو مشهور ٿيو . ٻوليءَ جي لحاظ کان بہ سندس ڪلام آسان ٿو لڳي . ان ڪري ڊاڪٽر بلوچ جو خيال آهي تہ پوين اسماعيلين جي زبان جو پراڻن گنانن تي اثر ٿيو آهي . گنانن ۾ پيغام رسائڻ ۾ بہ تصوف ئي ذريعو بنيو آهي . پير صاحب فاني دنيا جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو :-

ڪوٺا منڊپ ماڙيون گهر گهوڙا پنڊار ،
ڪين (١) نہ نيا پاڻ سين ، جيو چلنتي وار .

گنان ۽ وينتيون شاعريءَ جون صنفون آهن . اڪثر جي هيئت ڪافيءَ وانگر آهي . اسماعيلي فرقي جو هي هڪ وڏو شعري ذخيرو بہ آهي ۽ ان کي هڪ تقديس بہ حاصل آهي ، جيڪي بہ اسماعيلي شاعر ٿيا ، تن پير صدرالدين جو اثر نمايان آهي .

ايئن چئي سگهجي ٿو تہ گنانن ٻارهينءَ کان وٺي تيرهين صدي عيسوي تائين مذهبي ، اخلاقي ۽ صوفيانہ شعر جو وڏو ذخيرو سنڌي ادب جو سينگار بنايو آهي .

---

(١) ڪنهن .

٣ - ماموئي درويشن سان منسوب ست بيت .
٤ - مخدوم احمد ڀٽيءَ سان منسوب ٻه بيت .
٥ - نوح هوٿياڻيءَ سان منسوب موزون فقرا .
٦ - پير مراد شيرازيءَ سان منسوب هڪ فقرو .
٧ - سيد علي شيرازيءَ جو بيت (چار سٽون) .
٨ - شيخ عبدالجليل چوهڙ جي روضي ۾ ڳايل ٻه بيت .
٩ - حديقہ الاوليا ۾ آيل چار بيت .

ايئن ڪي ٻيا بيت به هوندا جيڪي تذڪرن ۾ نه اچي سگهيا . هنن ۾ مضمون به اخلاقي ۽ توحيد تي آهي ، تصوف جي هڪ جهلڪ ملي ٿي ۽ ڪي بيت ٿوري فقرا فقط واقعاتي نوعيت جا آهن .

قاضي قادن :

سمن جي دؤر جي آخر ۾ جنهن شاعر جو ڪجهه ڪلام آهي، سو قاضي قادن (١٤٦٣ - ١٥٥١) آهي. نئين تحقيق موجب سندس ڪلام سؤ کن بيتن تي مشتمل آهي . [هيري ٺڪر واري تحقيق کان اڳ فقط ست بيت شاهه ڪريم (١٥٣٨-١٦٢٣ع) جي رسالي مان نروار ٿيا هئا .

قاضي قادن جي ڪلام مان تصوف هڪ مڪمل مضمون وانگر ظاهر ٿئي ٿو. هو صاف صاف چوي ٿو ته آهو طرف ٿئي ڪو پيو هو جتان محبوب جو جلوو ڏٺم. ڪنهن ڪتاب مونکي ڪو نه سيکاريو-ع

ڪنز قدوري قاف ، ڪو ڪونه پڙهيوم
سو پار ٿي پيو ، جتان پرين لڌوم

---

سانڍ ڏيئي لت ، اوچي نيچي پوڙيئي ،
هيڪائي هڪ ٿيو ، ويئي سڀ جهت .

آهاڻي تنوار آهي، جا اڳتي هلي شاه ڪريم، شاه لطيف ۽ سچل جي ڪلام ۾ ظاهر ٿي. تصوف ۾ ڪائنات جي سڄي موجودات کي خالق جي وجود جو مظهر ڄاتو ويندو آهي. صوفي شاعرن وحدت جي واڪي تمام بلند آواز ۾ ٻڌجي ٿي. دادو ديال پوين شاعرن ۾ هڪ اهڙو شاعر ٿيو جنهن قاضي قادن جو واضح اثر ورتو.

## مخدوم نوح:

سنڌ جي هڪ متبرڪ خاندان جو چشم و چراغ حضرت مخدوم نوح هالا ۾ ٩١١هه (١٥٠٥ع) ۾ ڄائو. سندن والد جو نالو نعمت الله هو. مخدوم نوح جو اصل نالو لطف الله هو. نه رڳو حضرت مخدوم نوح پر سندن خاندان ۾ وڏا وڏا بزرگ ۽ حق جا طالب ٿي گذريا آهن. حضرت مخدوم نوح قرآن شريف جو فارسيءَ ۾ ترجمو به ڪيو. سندن ملفوظات پوين وٽ محفوظ آهن ۽ ٿورڙا بيت به منظر عام تي آيا آهن. انهن بيتن جي ٻولي به آسان آهي. مخدوم صاحب ماڪ جي جا توضيح ڪئي آهي ۽ سا متاثر ڪندڙ آهي— ع

پئي جا پرڀات، سا ماڪ ۾ پاڻيو ماڻهنا،
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين ڪي.

پرڀات جي ماڪ يا شبنم تي ڪيترن شاعرن لکيو آهي، پر مخدوم صاحب نازڪ خياليءَ جو بهتر نمونو پيش ڪيو آهي. مخدوم نوح هڪ درويش ۽ شاعر آهي. هن جي ڪلام مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي. ٿورو سنڌي ڪلام به اها ئي ثابتي ڏي ٿو.

آيل آهن . شاه صاحب جي مجلسن ۾ زير بحث اچڻ ڪري رسالي جو حصو بڻيا .

بهرحال دادو انهن ۾ هڪ اهم شاعر آهي . هو شاه ڪريم جو همعصر هو. ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ موجب دادو ديال، قاضي قادن جي بيتن کي راجستان طرف مشهور ڪيو. هن خود راجستاني ۽ هندي ٻوليءَ ۾ ڪلام چيو ۽ سنڌيءَ ۾ به ڪلام چيائين (١) .

راڳملا مٽ مان ملڻ گرنٿ ۾ دادو جو ڪلام به آهي . اتان موڪليل ڪجهه بيت ڊاڪٽر بلوچ به ڏنا آهن (٢) اهي هتآئجن ٿا ـ ع

دادو جهاتي پاڻي ٻس ٻري، داڻيلاءِ م وير
سٽ سيو ڏي هليو، ٻوءِ ٻسندون ڪير .

---

دادو غافل ڇو وتين ، منجهين رب نهار
منجهيئي ٻي پاڻ جو ، منجهيئي ويچار .

---

دادو غافل ڇو وتين ، آهي منجهه الله
ٻري پاڻ جو پاڻ سين، لهي سيوني ساءِ .

---

دادو جڻن تيل تلن ۾ ، جڻن ڳنڌ ڦلن
جڻن مکڻ کير ۾ ، تئن رب رهن .

ڊاڪٽر بلوچ جو اهو به خيال آهي ته دادوءَ تي قاضي قادن جو گهڻو اثر آهي . هو دادوءَ جو روحاني رهبر آهي . قاضي قادن جي ڪلام ئي دادو ديال کي خدا جي هيڪڙائي ڏي مائل

(١) سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ - ص ص ٢٧٣ ۽ ٢٧٥-

(٢) ايضا - ص ٢٧٦-

اهو سڀ محفوظ ڪيو. رسالہ ڪريمي ١٩٠٣ع ۾ قليچ بيگ ۽ ١٩٣٧ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي شايع ڪيو. شاه ڪريم مريدن جي پڇيل سوالن جا جواب ڏيندو هو ۽ ان سلسلي ۾ ڪي بيت چئي ڳالھہ واضح ڪندو هو. ڪنهن پڇيو تہ دنيا جي ڪم ڪار ۾ بہ رڌل آهيو ۽ خدا جي عبادت بہ دل جي حضور سان ڪريو ٿا، اهو ڪيئن؟ جواب ۾ سيد صاحب بيت چيو- ع

پاٽي هاري سر پھڙو، جترَ تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

سندس بيتن ۾ هر ڳالھہ آسان نموني ۽ وڻندڙ مثال سان پڌايل آهي. ڪٿي بہ سندس ڪلام ۾ بيان ۽ زبان جي دقت نہ ملندي. پڇڻ بابت چوي ٿو- ع

پڇڻا سي نہ منجھڻا، جي پڇن سي وِيرَ،
جو لڪڻ منجھہ ماڻھئين، سو مڪڻ منجھہ ڪير.

شاه ڪريم جي ڪلام ۾ محققانہ تلاش ڪان پوءِ فارسي شعر ۽ خيال جو اثر ملندو، پر خود سنڌي شعر اهڙو سلوڻو هوندو جو اصل ڏي خيال ئي نہ ويندو.

مثال:

خشڪ باشي بر لب جُو خشڪ لب
ميدوي سوئي سراب اندر طلب
(رومي)

پاٽيءَ مٿي جھوپڙا، مورک اُڃ مرن،
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جئن.

راز رکڻ بابت عالم ۽ منطق جا صاحب ڪيترين سياڻپ واريون توجيحون ڏين ٿا. ڪھڙن ڪھڙن مثالن سان هي ڳالھہ سمجھائڻ

جي ڪوشش ڪن ٿا، پر شاهه ڪريم بند مِٽ جو مثال نهايت ساد گيءَ سان ڏي ٿو ۽ راءِ ظاهر ڪري ٿو جنهن ۾ ڪوبه ور وڪڙ نه آهي - ع

مٽ پيڙيائي ڀلي، جي آهني ته واءُ

جي ٻڌر وڌءِ ڳالهڙي، ته چڏي وڃي ساءُ.

هو هڪ صوفي شاعر آهي، پر سندس شعر ۾ تصوف جو ڪوبه معاملو منجهيل لفظن ۾ نه آهي. هو هر ڳالهه آسان لفظن ۾ چوي ٿو - ع

اسين تتان آئيون، جتي ڪهنبو نساهه،

جي وڃون ڪنهن وهانءُ ته به متهون لوئيون.

آسان زبان ۽ سڀڪ لهجو شاهه ڪريم جي ڪلام جي خصوصيت آهي. هو انهيءَ لحاظ کان به سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي. سندس هيليان ٽي بيت به اِها ڳالهه ظاهر ڪن ٿا - ع

هنيون ڏجي حبيب کي، لڳ ڳڏجن لوڪ،

ڳڏيون ۽ ڪروتون، ايءَ پڻ مڳر توڪ.

---

مورک مڙور نه پجهنا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،

ڪاڙ جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.

---

نينهن نيايي نه ٿئي، سڏين سيڻ نه هون،

ڪارئين راتئين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نه رون.

اهو انداز اهو لهجو اڳتي شاهه جي رسالي ۾ به مليو ۽ سنڌي شاعريءَ لاءِ هڪ نمونو بنيو. هڪ وڏو شاعر، هڪ عظيم انسان ۽ درويش ڪهڙو ٿيندو آهي، ان سوال جو جواب به شاهه ڪريم جي ذات ۽ ڪلام مان مليو.

۾ ڪتاب سنڌي رسالو ۽ منهاج المعرفت آنڌل آهن. ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق موجب، "هو اکهم ڪوٽ يا اکهاماڻو جو رهاڪو هو؛ جيڪو تعلقي ماتليءَ ۾ آهي". شاه لطف الله اندازاً ١٦١١ع ۾ ڄائو ۽ ١٦٧٩ع ۾ وفات ڪيائين. سندس تعليم ۽ تربيت به پنهنجي ڳوٺ ۾ ٿي؛ جيڪو هڪ علمي مرڪز هو. لطف الله، قادري مشرب اختيار ڪري طريقت جي راهه جو پانڌيڙو ٿيو. سندس هڪ ڪتاب تحفة السالڪين جو حوالو به آيو آهي. اهو اڃان ظاهر نه ٿيو آهي. منهاج المعرفت فارسي زبان ۾ لکيائين. ڪن مسئلن جي سمجهاڻيءَ خاطر ڪتاب ۾ سنڌي بيت به لکيائين. سندس ڪلام مان خاص نڪتو توحيد ۽ تصوف جو ظاهر ٿئي ٿو. بيتن جو تعداد چار سؤ آهي. قديم شاعريءَ ۾ گهڻو تحريري ڪلام به هي آهي. قاضي قادن جو بيت: لا لاهيندي..... الخ، شاهه لطف الله جي ڪلام ۾ هن صورت ۾ آهي:

لا کي لاٿائون، الا الله کي اوڏو ٿيا،
قطع ڪامل تني ڪي، اوءِ ڇڏي سڀ ويا،
محب تنهن مڙيا، جنهن کي سڪي سيڪو.

سندس ڇپيل ڪلام ۾ لاڙ جو تلفظ نه رکيو ويو آهي. لاڙي محاوري موجب اچار ٿيني ٿيندو.

## مهامتي پراڻناٿ:

مهامتي پراڻناٿ جو اصل نالو 'مهرراج' هو. هن کي 'مهامتي' يعني وڏيءَ مت ۽ سمجهه وارو سڏيو ويو، جو هُو سچ جي کوج ۽ حق جي طلب ۾ دنيا ۾ نڪتو. گمراهه ۽ اڻوڄهه

عيال وارو ٿيو. عمر موٽ ڪاڏي ته دل حقيقي محبوب ڏي راغب ٿي ۽ گهڻو وقت بزرگن جي آستانن تي گذارڻ لڳو (١).

شاهه عنات پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو شاعر هو. هو شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف جي وچ تي هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙي آهي. سندس رسالو ڊاڪٽر بلوچ ايڊٽ ڪيو آهي. جنهن ۾ مقدمي ۾ شاعر جي حيات ۽ ڪلام تي تفصيل سان بحث ڪيو اٿس. مٿين عنات جو رسالو سنڌي شاعري ۽ تصوف جو هڪ انمول خزانو آهي. سسئيءَ جو بيان پرپور انداز سان ڪيو اٿس- ع

نه ڪي رڙڪيا نه ڪي ڪڙڪيا، ڪٽ نه ڪڇيائون،
ڀونڊي ٻار ڀڳيا، ٻوٽين ٻڌائون،
جود جمازي جهانجهرا، ڪامئين ڪاهيائون،
آڏي رات عنات چئي، ليڙا لانچيائون،
جبل م جنام ڄتين جا، پڃهون پرانهون،
اچين اوراهون، ته جيان جا نڪيتان نه مران.

شاهه عنات ايندڙ شاعرن لاءِ گس گهڙي ڇڏيا. سندس ڪلام لغت جو ٻه اڪٽ ڀنڊار آهي. سندس خاندان مان شاهه شريف ۽ شاهه هلاول سٺا شاعر ٿيا. عنات متاخرين تي چڱو اثر ڇڏيو ۽ سندس ورثو ڇڏهن هڪ قابل جوهري شاهه لطيف وٽ پهتو ته سنڌي شاعري جرڪي پئي.

---

(١) ايضاً ص ٣٢

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ

# شاهه جي ڪلام ۾ رنگن جو مقصد

تصوف ۾ رنگن جي اهميت جو خاص مقصد هوندو آهي ۽ اهو مقصد ڪٿي ظاهريت سان واسطو رکي ٿو ۽ ڪٿي وري باطني لحاظ کان اهميت رکي ٿو. ”نقشبندي طريقي ۾ لطائف جو ڪلڻ“ سلوڪ لاءِ ضروري آهي. انهن ۾ هڪ وجداني ڪيفيت ۽ قلبي لذت آهي،“ ، جهڙا نور جي رنگن رستي اسانجي لطيفن تي ٿئي ٿي. جيئن ته لطائف مان قلبي لذت محسوس ٿئي ٿي، تنهن ڪري انهن جو بيان ڪري نٿو سگهجي ۽ انهن کي رڳو سالڪ محسوس ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري هر سالڪ جنهن انهن لطيفن جي لذت کي محسوس ڪيو آهي ، تنهن پنهنجي پنهنجي طريقي ذڪر ۽ مجاهدي جي لحاظ کان محسوس ڪيو ۽ ان جو بيان ڪيو آهي. ڪنهن به لطائف جي جاءِ ۽ اثر جي لاءِ اختلاف ظاهر نه ڪيو آهي ، ليڪن انهن لطائف جي نور جي روشني جي رنگن ۾ ٿوري تبديلي ضرور محسوس ڪئي آهي، ۽ وري به آهي هي ساڳيا رنگ محسوس ڪيا آهن . انهن ڇهن رنگن کان وڌيڪ رنگ يا انهن ڇهن رنگن کان سواءِ ڪي بدليل رنگ بيان نه ڪيا آهن. جنهن مان ظاهر آهي ته لطائف جي نور جا رنگ جيڪي سالڪن کي مشاهدي ۾ اچن ٿا، سي ڪن حالتن ۾ بدليل نظر اچن ٿا،

پر حقيقت ۾ اهي ئي ڇهه رنگ آهن ، جيڪي سالڪن کي مشاهدي ۾ نظر اچن ٿا.

جيئن انساني نظر کي اونداهي ۾ ٻاهر روشني جي ضرورت هوندي آهي ته جيئن هر شي کي چٽو ڏسي سگهي ۽ انهن جي خوبصورتي مان لطف وٺي، خوشي حاصل ڪري، تيئن روحاني خوشيءَ لاءِ به سالڪ کي اندر جي روشني جي ضرورت هوندي آهي ته جيئن هو پنهنجي حقيقت سڃاڻي ۽ انهن جي جمال مان خوشي ۽ لذت حاصل ڪري سگهي. ٻاهر جي روشني به جيئن ته اندر جي روشني جي ڪري آهي، جيڪا خدا ڪان انسان کي ملي ٿي يعني اکين جي روشني به اندر جي روشني ڪري قائم آهي، پر انهن ۾ اها قوت نه هوندي آهي، جو هو پنهنجي اندر ۾ الله جي نور کي سڃاڻي سگهي ۽ اها قوت انسان کي پنهنجي ظاهري نظر ۾ پيدا ڪرڻي هوندي آهي ته جيئن هو انهيءَ روشني کي سڃاڻي سگهي، جيڪا اکين جي روشني جي رستي ٻاهرين شين کي ڏسي ٿي. جڏهن انسان پنهنجي اکين جي نظر ۾ اها قوت پيدا ڪري ٿو، جيڪا هن جي اندر ۾ نور جي روشني کي ڏسي سگهي ٿي ته پوءِ سالڪ پنهنجو تعلق اندر جي نور جي روشني سان قائم ڪري انهي نور حقيقي جي روشنيءَ کي ڏسي سگهي ٿو، جيڪا هن جو اصل آهي جيڪا هن جي حقيقت آهي جنهن جي وسيلي هن جي تخليق ٿي آهي.

مولانا رومي چوي ٿو ته روحاني طريقي لاءِ انسان کي اندر جي روشنيءَ جي ضرورت هوندي آهي ۽ اندر جي روشني وري خدا جي طرفان ملي ٿي ۽ انهي اندر جي روشني جي ڪري ئي اکين جي روشني قائم آهي جيئن چوي ٿو ته:

نسبت ديد رنگ بے نور بيرونٔ

هم چنين رنگ خيال اندرون

(يعني رنگن جو ڏسڻ ٻهرئين روشني کان سواءِ نٿو ٿئي اهڙئي حال اندر جي روشني جو آهي)

وري چوي ٿو!

اين برون از آفتاب و از سماست،

وان درون از عکس انوار علامت.

(هيءَ ٻاهرين روشني سج ۽ دنيا جي ڪري آهي هوءَ باطني روشني عالم بالا جو عڪس آهي.)

اهو علم بالا جو عڪس دل تي پوي ٿو، جيڪو وري ٻاهرين روشني پيدا ڪري ٿو، جنهن جي مدد سان انسان اکين سان ڏسي سگهي ٿو. در حقيقت اهو نور دلين جو نور آهي جيڪو انسان جي بينائي ۾ روشني پيدا ڪري ٿو جنهن جي مدد سان انسان ٻهرين روشني ڪي ڏسي سگهي ٿو، اهڙيءَ ريت بينائي جو نور دل جو نور هوندو آهي ۽ دل جو نور عالم بالا جي نور جي ڪري هوندو آهي جنهن لاءِ رومي چوي ٿو:

نور نور چشم خود نور دل ست

نور چشم از نور دلها حاصل ست

وڌيڪ چوي ٿو ته دل جي بصيرت جو نور خدا جو نور آهي جيڪو عقل ۽ حس جي نور کان پاڪ ۽ جدا آهي اهڙيءَ ريت خدا جي نور جي ڪري عالم بالا جو نور قائم آهي:

باز نور نور دل نور خداست

کوز نور عقل و حس پاک و جدا ست

اچن ٿيون." (٣) ۽ اهي رنگ جدا جدا لطائف جي ڪري نظر اچن ٿا ۽ اصل ۾ جيئن شاهه چيو آهي ته جتي ٻرين حضور آهي، اتي ڪو به رنگ ۽ روپ آهي ئي ڪو نه. اهو رنگ سالڪ کي پنهنجي جسم جي جدا جدا لطيفن تي پوڻ ڪري نظر اچي ٿو. ۽ اهو سالڪ کي پنهنجي محبوب جي اڳيان درجي، محنت ۽ محبت جي لحاظ کان نظر اچي ٿو.

جيئن شاهه چوي ٿو ته:

پر تسوو پنهونءَ جو، سهائي سياهه،
مهه ڏيئي مون آئيو، رنگا رنگي راهه،
ٻرين ڏيندا باهه، پوءِ رڱيندا رڱ ۾.
(ڪوهياري ٣ - ١٠)

هن بيت ۾ شاه پنهنجي ذاتي آزمودي ۽ مشاهدي کي بيان ڪيو آهي. ۽ بيت ۾ نور جي روشني جا ساڳيائي ٻه رنگ بيان ڪيا آهن، جيڪي آهن اسهائي ۽ سياه. ساڳي ريت اڳئين بيت ۾ به ڪاريءَ رات ۽ اڇي ڏينهن جو ذڪر ڪيو آهي. هن بيت ۾ شاه چوي ٿو ته پنهون جو پرتوءَ جا ٻه رنگ آهن، هڪ سهائي ۽ سياه. ۽ اها راهه مونکي جڏهن اڳيان اچي ٿي تڏهن جدا جدا رنگن ۾ اچي ٿي. پر انهيءَ راهه جي رنگن ۾ رڱڻ کان اڳي ٻهربائين باه ۾ پچائي پختو ڪري، پوءِ انهي رنگن ۾ رڱيندا. پين لفظن ۾ ائين چئجي ته سالڪ کي جڏهن محبوب حقيقي جو ديدار نصيب ٿئي ٿو، تڏهن نور جي روشني جدا جدا رنگن ۾ هن جي اڳيان اچي ٿي، جيڪا هن کي پنهنجي محبوب حقيقي جو ديدار ڪرائي ٿي. پر اها نور جي جدا جدا رنگن واري روشني

هن تي تڏهن پوي ٿي، جڏهن هن کي باھ ۾ پچائي ڀرپائين پختو ڪيو وڃي ٿو يعني سالڪ کي اها نور جي روشني جيڪا محبوب حقيقي کان اچي ٿي سا تڏهن نظر اچي ٿي، جڏهن سخت مجاهدي ۽ ذڪر کان پوءِ نفس کي ماري ۽ فنا ڪري سالڪ ڪنهن منزل تي پهچي ٿو. هن بيت ۾ شاھ بلڪل واضح طور سان بيان ڪيو آهي ته محبوب حقيقي جو ديدار نور جي روشني جي رستي ٿئي ٿو ۽ نور جي روشني جيڪا ديدار ڪرائي ٿي، انهي جا ڪيترائي رنگ آهن، جيڪي گهڻي مجاهدي ۽ ذڪر کان پوءِ نظر اچن ٿا.

سالڪ جا لطائف جڏهن ذڪر ڪرڻ سان بيدار ٿين ٿا، تڏهن مختلف رنگن جون تجليون ذاڪر کي نظر اچن ٿيون. انهن تجلين جي رنگن بابت حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليه لکيو آهي ته "قلبي لطيفي جو رنگ پيلو، روحيءَ جو ڳاڙهو، سريءَ جو اڇو، خفيءَ جو ڪارو ۽ اخفيٰ جو سائو آهي" (٥) ليڪن ڪن عالمن جو رنگن بابت اختلاف به آهي، جيئن حضرت خواجه محمد حسن جانسر هندي جي تحرير موجب "قلبي لطيفي جو رنگ اڇو، روحي جو پيلو ۽ سري جو ڳاڙهو ڄاڻايل آهي." (٦) اهو رنگن جو اختلاف ڇو ٿو ٿئي يا انهن رنگن جي اهميت ڇا آهي ۽ تنهن بابت حضرت حافظ محمدهاشم جان رحمة الله عليه جن جو چوڻ آهي ته "اصل مقصد لطيفن جو بيدار ٿيڻ آهي ۽ تجلين جي رنگن جو اختلاف ڪا اهميت نٿو رکي." (٧) اهو رنگن جو اختلاف هر سالڪ وٽ موجود آهي. حضرت شاھ سيد محمد ذوقي لطيفن جا رنگ وري هي بيان ڪيا آهن. "لطيفي قلبي جي نور جو رنگ سرخ آهي، لطيفي روح جي نور جو رنگ سفيد، لطيفي نفس جي نور جو رنگ زرد، لطيفي سيري

وڌيڪ ڪيو آهي ۽ نور جي روشني جي رنگ جي مناسبت سان پنهنجي محبوب ڪي نالو ڏنو اٿس - جيئن شاهه چوي ٿو ته :

واقف نه وڻڪار جي، باري سڄڻ ٻر،
ور وسيلا! سوڙين! ٿڪيس ڏوري ٿر،
لهج، لعل لطيف چي، ڪانڌ! ميءَ جي ڪر،
ولهي ڪري، ور! مڇڻ مارڳ ڇڏ يين.

(سسئي آبري ٢-٣)

ان ڪي "لالن" لڱکايو، ساندارو سمونڊ ڄو

(سر پرڀاتي ٢ - ٨)

هيئين بيت ۾ شاهه لطيف انهي ساڳي مفهوم ڪي سمجهائيندي چوي ٿو ته جيسين روحاني ڳاڙهي (سرخي) نور جي روشني توهان جي نظرن ۾ نه آئي آهي تيسين تون انهي معرفت جي ماڳ ڪي نه پهچندين ۽ نه وري معرفت جي خوبصورتي ڏسي سگهندين، ۽ آهو ئي سالڪ ريٿي ڏيڻ جي خوبصورتي ۽ لذت حاصل ڪري سگهندو، جهڪو پهريائين ڳاڙهي روحاني نور جي روشني اکين ۾ پيدا ڪندو.

سرمون سرخيءَ جو، جڏهن پاتو جن
تڏهن ڏٺي تن، رونق ريٿي جهڙ ي.

(آسا ٣ - ٢١)

نواب ولي محمد انهي حقيقت ڪي وري هن ريت ٿو پيش ڪري :

پندرهين ڏينهن حجاب جا لاٿائون پردا.
آيا الوهيت ۾ وسري وين فردا.
پسي رنگ حيران ٿيا، سرخ ۽ زردا.
سي ڪڏهن ڪين ورندا، جن پيتي سرڪي سچ جي.

(ڪلام نواب ولي محمد ص ١٢٣)

ڪڏهن ڳاڙهو ڪهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏيو اڏيو ڪيترو؟

(ڏهر ۴، ۵۲)

هن بيت ۾ ڳاڙهو ڪهوٽ بهادري لاءِ ڪم آندو آهي ۽ ڪڏهن مڙهه مقام ۾ انسان کي سندس موت جي ياد ڏياري، اٿس، هن ۾ ڳاڙهي رنگ کي بهادري ۽ سالڪ جي ڪاميابي لاءِ ڪم آندو اٿس.

هيٺين بيت ۾ سالڪ کي نصيحت ڪندي چوي ٿو ته:

منهن ته آهير يا نٿي آجرو، قلب ۾ ڪارو،
ٻهران زيب زبان سين دل ۾ هچارو،
ان ۾ ويچارو ويجهو ناهه وصال سين.

(آسا ۴، ۱۸)

اڇو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوڙو ڪنگن
ايندي لڄ مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا

(ڪارايل، ۱، ۷)

مٿين بيتن ۾ منهن ته آهير يانٿي اجرو قلب جو ڪارو هجڻ، ٻهران زيب زبان سين دل ۾ هچارو هجڻ، اڇو پاڻي لڙ ٿيڻ، ڪنگڻ جو ڪالور ڪرڻ، لڄ مرڻ، اهي سڀ اصطلاح آهن جيڪي استعمال ڪيا ويا آهن جن جي پٺيان باطني معنيٰ مخفي آهي.

شاهه پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي تهذيب تمدن ثقافت کي ۽ پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ لوئي تي لاک جي رنگ جو هجڻ، پٽ جا ڪپڙا پهرڻ، لاک جون رتل لوئيون، ڪپڙن جا قسم انهن جي رنگن جو بيان ڪيل آهي، اهڙن بيتن ۾ نه شاهه جي پسندي آهي نه وري نور جي روشني جو ذڪر آهي جيئن:

ڀِنولا ڀنهواريون، سور نه سٽي ڪن،
جه لاک رتائون لوئيون، تہ سالتا سونهن،
ان ايلاچنيون اکري، ٻخمل ٻافتن،
سڪر پائيان سومرا، ڪٿي ڪان کھنبن،
جا ڏينم ڏاڏاڻن سا لاهيندي لڄ مران.
(مارئي ٣-١)

سونا ڪر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهو تا ٻانهن ۾، سهند سٽيا وار،
تيلانه ٻي ٻچار، ڪانڌ منهنجي ڇڏئي.
(ليلا چنيسر ١-١١)

هنن بيتن ۾ ملڪ جي تهذيب ۽ تمدن يا ثقافت جو ذڪر هڪ طرف آهي ته روحانيت جي سمجهاڻي ٻئي طرف آهي.

سارنگ سائي ست جهڙي لالي لاک جي،
انهن سي آهن انگڻا جيئن سي چنيءَ چٽ،
ٻرسيو ٻاسي پٽ پريائين ڪن ڪراڙ جا.

هيئين بيت ۾ جتي سالڪ جي مجاهدي ۽ رياضت ڪي ساراهيو آهي اتي انهي غاوسن جي سمنڊ مان جواهرن ۽ لالن، ڪي ڳولي ڪيڻ وارن جي محنت ڪي وا کاڻيو آهي:

سي ٻوچارا ٻرتيا، سمنڊ سيونوجن،
آنداٿون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌاٿون لطيف چئي، لالون مان لهرن،
ڪانهه قيمت تن، مل مهانگو ان جو.

اِها هر شاعر جي فطرت هوندي آهي ته هو قادر جي قدرت، جيڪا هن ڪائنات ۾ بيشمار رنگن ۽ روپن ۾ موجود آهي ياالڪل

طور آهي، تہ ڪٿي نظارن ڇنڻ لاءِ، ڪٿي تشبيهہ طور تي استعمال ڪيو آهي، انهي ڪان سواءِ قيمتي پٿرن، لعل ۽ هيرن جي ڳاڙهي رنگ کي پڻ شاعرائي طريقي سان ڪتب آندو اٿائين . اهڙن بيتن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا .

سون تان لڪائي گهڻو روئڻ ڪئي روشن
رسيو ريزالن کي منجها زرديءَ ظن ،
ويري ٿئو ورن، ڳالهہ ڪيائين ڳجهہ جي .

لڙڪ لعل، لطيف چئي ، ورلئہ وهايا .

(سسئي آبري ٨-١)

رڇي جي ريئو ٿيا ، ڪين اپائجن اوهہ ،
ڪنبي نہ ڪاري تنهن کي جو هالاري هوهہ،
توڻي ڏوڀي ڏوهہ ، تہ لالي تهين نہ لهي .

(مومل راڻو ٣-٦)

هيٺين بيت ۾ سامي جي ظاهري ڏيک کي بيان ڪيو آهي ۽ سامي جي ڪپڙن شڪل جي تصوير کي پيش ڪيو آهي:

سج سپائي جا ڪري ، سائي ساميءَ ونڪ،
سهي نہ سگهان ساٿ سينءَ ،تنهنجي راسن جي رونق ،
ڪ رتائين لاڪ ۾ ڪ ڏنائين پائن پڪ ،
سندي سوڊل سڪ ، ڪپر ڪورون جهلين .

(مومل راڻو ١-٨)

اڳي لکي آيا آهيون تہ تصوف ۾ سالڪ جي لطيفن تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي اها ڇهن رنگن جي هوندي آهي ۽ انهن ئي رنگن کي شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي . جيڪي

نور جي روشني جا رنگ لطيفن تي پون ٿا سي نقشبندي طريقي ۾ هي آهن :

لطيفہ "قلب" تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو رنگ "زرد" آهي .

لطيفہ "روح" تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو رنگ سرخ (ڳاڙهو) آهي .

لطيفہ "سري" (سيني) تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو "رنگ سفيد" اڇو آهي .

لطيفہ "خفي" (پيشاني) تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو "رنگ ڪارو" آهي .

لطيفہ "اخفيٰ" (مٿي) تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو رنگ "سائو" آهي .

لطيفہ "نفس" تي جيڪا نور جي روشني پوي ٿي انهي جو رنگ ڪسيف (ميرو) آهي .

هاڻي انهن ڇهن رنگن جو جدا جدا ذڪر ڪنداسين . ڪهڻي ۾ ڪهڻو شاهہ جي ڪلام ۾ ڳاڙهي (لعل ۽ سرخ) رنگن جو ذڪر ڪيل آهي .

جيئن تہ نور جي روشني جڏهن روح تي پوي ٿي تڏهن ڳاڙهي هوندي آهي ۽ روح ئي آهي جيڪو ترقي ڪري معرفت حاصل ڪري ٿو (سالڪ کي ذڪر ۽ مجاهدي جي ڪري روحاني ترقي نصيب ٿئي ٿي. روحاني ترقي ڪري سالڪ کي قلبي سڪون ۽ خوشي ملي ٿي) . سالڪ جو پنهنجي حقيقي محبوب سان ملاپ ۾ روح جي نور جي ذريعي ٿئي ٿو . تنهن ڪري روح تي جنهن رنگ

جي نور جي روشني ہوي ٿي، انهي نسبت سان شاھ پنهنجي محبوب حقيقي کي لعل ۽ لالڻ چيو آهي جيئن شاھ صاحب چوي ٿو ته :

سيه سياهي آهي آريءَ ڄام ري ،
کڏهن ہسي کانہ کاريءَ لالن لالائي.

(ديسي - ٢ - ٣)

مٿين بيت ۾ شاھ بلڪل صاف چيو آهي "لالڻ" يعني آريءَ ڄام (محبوب حقيقي) کان سواءِ لالائي (نور جي ڳاڙهي روشني) نظر نٿي اچي ۽ انهي کان سواءِ اونداهي اونداهي آهي پڻ لفظن ۾ نور جي روشني جيڪا ڳاڙهي رنگ جي آهي اها محبوب کان ئي اچي ٿي، جي محبوب حقيقي نہ هجي ته اها روشني اچي ئي نہ ۽ اونداهي اونداهي هجي. انهي بيت جي سمجهاڻي وري هن بيت ۾ ڏني ٿو ته :

لاهي لاڳاپا لنگهہ تون ، سيڻ ڏانهن سچي ،
منجها راھ رچي ٿيندينءَ "لعل" لطف جي .

(سسئي آبري ابيات متفرقا . ١)

مٿين بيت ۾ شاھ سالڪ کي چوي ٿو ته تون دنيوي لاڳاپا لاهي پنهنجي رب ڏانهن سچو ٿيندين ۽ انهي راھ ۾ رچي راس ٿيندين ، تڏهن ڳاڙهي (لعل) ٿيندين . يعني توتي نور جي ڳاڙهي روشني ہوندي .

هيٺين بيت ۾ چوي ٿو ته :

هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن رينو رتائون،
جال منهنجي هھڙو جهڙو .

(حسيني: ١- وائي )

مٿين بيت ۾ شاهه سالڪ جي روح جي انهي ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿو جيڪا نور جي ڳاڙهي روشني پوڻ کان پوءِ سالڪ کي نظر اچي ٿي ۽ اها نور جي روشني آهي جيڪا سالڪ کي پڇاڻي راس ڪري ٿي، ۽ محبوب حقيقي جي ديدار جي راهه ڏيکاري ٿي.

هيٺين بيت ۾ وري شاهه اهڙي سالڪ جو ذڪر ٿو ڪري جنهن تي روحاني نور جي روشني پهچي چڪي آهي ۽ هي انهي روشني ۾ رڱجي اصل رنگ بدلائي چڪو آهي، هاڻ اهو رنگ هن تان لهڻ جوڳو نہ آهي. تنهن ڪري دنيوي ڪابہ ڪوشش هن جي انهي چڙهيل رنگ کي لاهي نٿي سگهي. ٻورن لفظن ۾ سالڪ روحاني رنگ ۾ پختو ۽ پڪو ٿي چڪو آهي:

رڃي جي ريٽو ٿيا، ڪين اپانجن اوهه،
ڪنب نہ ڪاري تنهن کي جو هالاري هوءِ.
توڙي ڌوٻي ڌوءِ، تہ لالي تهن نہ لهي.

(مومل راڻو ٣ - ١٦)

جڏهن سالڪ روحاني طور تي نور جي ڳاڙهي روشني ۾ رڱجي وڃي ٿو ۽ اها نور جي روشني هن تي مستقل پوندي رهي ٿي تڏهن هي هر طرف الله جو نور ئي نور ڏسي ٿو ۽ هر طرف الله جو وجود پسندو رهي ٿو تنهن جو ذڪر هن بيت ۾ ڪيو آهي:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چو ڏس چڻائو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڌائو،
راڻو ۽ راڻو ريءَ راڻي پشو ناهه ڪو.

(مومل راڻو ٩-٦)

اهڙيءَ ريت شاهه سالڪ جي شخصيت کي مڪمل تڏهن سمجهي ٿو جڏهن روحاني نور جي روشني هن تي پوي ٿي ۽ سالڪ پنهنجي محبوب جي هر شي کي پرکڻ لڳي ٿو ۽ روحاني نور جي روشني جي مدد سان پنهنجي محبوب حقيقي ۽ سندس ڪائنات جي هر شي جي حقيقت کي سمجهي ٿو. هيٺين بيت ۾ انهي مقصد کي ورجايو اٿس ۽ چوي ٿو ته دنيا جو حسن حقيقي محبوب جي حسن جي ڪري آهي ۽ هن دنيا جي هر شي ۽ انهي جي نور جي روشني ڪري ڪڪوري پئي آهي:

حسن هوت پنهونءَ جي ڪڪوريو ڪوهيار
(حسني وائي-١)

جيئن مولانا رومي چيو آهي:

باز نور نور دل نور خدا ست
کوز نور عقل و حس پاڪ و جدا ست

نور جي رنگن جي روشني ڪري سالڪ انهي ۾ رنگجي ٿو ۽ اهائي هن جي روحاني طور تي ترقي جي نشاني آهي. پر انهي رنگ ۾ رنگجڻ ڪري سالڪ جي حالت ڇا هوندي آهي ۽ سندس اصليت جو ڪهڙو حال هوندو آهي ۽ سالڪ ڇا ٿي وڃي ٿو تنهن جو ذڪر ڪندي شاهه چوي ٿو ته ڪاراڻيا جڏهن ڪڪوريا تڏهن انهن جي خودي ختم ٿي ويئي ۽ پاڻ کي پٽ تي ڇڏي ڏنائون:-

ويٺي جن وره ٿيا، سٿي سيري ساڻ،
ڪاراڻيا ڪڪا ٿيا، ڇيري وڃهي ڇاڻ،
خودي ڪانئي هليا، پٽ تي ڇڏي پاڻ،
سي ڪئين پهر هڻن پاڻ جن ڳڏيو ڳرڪر بان ۾.
(رام ڪلي: ٦-٦)

سڀني مينڌرو ٿي تو وڃي ۽ هو هم اوست جي ڪل ۾ سمائجي ٿو وڃي" ۱۲. ساڳيو مقصد هن بيت مان به ظاهر ٿئي ٿو :

ڏاٽي گهٽا اچن من سوڍي سين ونگئو،
ڪا جا لائي مينڌري لالي ڪي لڳن،
راتو اکڙين وساريان نہ وسري.

نور جي روشني ڪي وڏيڪ هن بيت ۾ ظاهر ڪيو آهي.

چنڊ تنهنجي ذات، پاريان نہ پرين سان،
تون اچو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو.

( ڪنڀات ۱-۸ )

هن بيت ۾ شاهہ صاحب بلڪل صاف ظاهر ڪيو آهي تہ چنڊ جي روشني اڇي آهي پر محبوب حقيقي تہ سوجهرو آهي جيئن هن بيت ۾ آهي تہ :

ڪاري رات، اڇو ڏينهن، اي صفات نور،
جتي پرين حضور، اتي رنگ نہ روپ ڪو.

ساڳيو مقصد ظاهر ٿئي ٿو جتي محبوب حقيقي آهي جتي پرين حضور آهي اتي نور جي روشني جو ڪو بہ رنگ نہ آهي پر اتي رڳو سوجهرو آهي. اڇو رنگ لطيف سري جو آهي، ۽ انهي ساڳي ڳالهہ ڪي شاهہ هن بيت ۾ ورجايو آهي.

مٿين بيتن ۾ اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ پرين جي حضور ۾ نور رڳو سوجهرو آهي اتي نور جو نہ رنگ آهي نہ روپ پر اهي رنگ لطيفن تي پوڻ ڪري آهن جيئن اڳي چئي چڪا آهيون . هي ڳاڙهو رنگ رڳو لطيفي روحي جو هوندو آهي تنهن ڪري سالڪ انهي واسطي سان پنهنجي محبوب ڪي سڏي ٿو ۽ انهي ڪري شاهہ چوي ٿو تہ :

جتان نور جي روشني اچي ٿي ۽ اهوئي محبوب حقيقي (لالڻ) هن
کي هر طرف نظر اچي ٿو، جو ته هي انهي رنگ ۾ رنگجي ريٺو
ٿي چڪو آهي:-

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو جو ڏس چٽائو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري ؛ منجهين لڌائو،
راڻو ۽ راڻو، ري راڻي پٺو نام ڪو.

(مومل راڻو ٩-٦)

سالڪ جڏهن روحاني روشني ٻوڻ ڪان ٻوء پنهنجي محبوب
جو ديدار ڪري ٿو ۽ معرفت جو ماڪ ماڻي ٿو، تڏهن سندس سونهن
۾ جمڪا مڻياء ۽ نور جي روشني پيدا ٿئي ٿي ۽ انهي ۾ جيڪا
روحاني خوشبوء پيدا ٿئي ٿي انهي جو ذڪر ڪندي شاه
چوي ٿو ته:

سج سيائي جا ڪري، سائي سامي ۽ روء،
اچي ٿي عطر جي منجهان مڪت بوء،
سا ڏيکاريهون جوء، جتان لاهوتي لعل ٿئو.

۽ وري جڏهن سالڪ معرفت جو ماڪ ماڻي لڌائي سان لالي
لائي يعني نور جي روشني جي مدد سان پنهنجي محبوب جو ديدار
ڪري، سهڻو ٿي پين ڪان سوائيو ٿي موٽي ٿو، تڏهن هن کي
ڇا ٿو نظر اچي تنهن جو ذڪر شاه وري هن ريت ڪيو آهي.

روء راڻي جي نام ڪو سوڍو سوائي
لڌوئنا لطيف چئي، لالي تنهن لائي.
ڪانهي ٻي وائي، ٿئو مڙوئي ميندرو

(مومل راڻو ٣-١٠٠)

اهڙي حالت ۾ سالڪ هن دنيا ۾ ڇا ٿو محسوس ڪري ۽ پنهنجي محبوب ڪان سواء هن ڪي ڇا ٿو نظر اچي يا ٻين لفظن ۾ نور جي روشني ڪان سوا هي ڇا ٿو محسوس ڪري؟ تنهن لاء هن بيت ۾ آهي ته:

سيه سياهي آهي، آريء ڄام ري،
ڪڏهن ٻسي ڪانہ ڪاريء لالن لالائي.

۽ اهڙي حالت ۾ سالڪ کي هن دنيا ۾ نڪي ڪجهہ ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ نڪي ڪجهہ ياد ئي ٿو رهي.

لڳڙي آهي لغار او يار
لنء لنء ۾ لالڻ جي. (ديسي وائي ء)

۽ جڏهن سالڪ پنهنجي ديدار ڪرڻ ڪان پوء اڳتي وڌي ٿو ته سالڪ ڇا ٿو ٿئي تنهن لاء شاهه صاحب چوي ٿو:

لالنئون ئي لال ٿيا لال لنگهنو جن

(رام ڪي ٥-١٦)

شاهه جي ڪلام ۾ ڳاڙهي رنگ جو مقصد آهي ته اها روحاني نور جي روشني جيڪا روح تي پوي ٿي، جنهن کي تصوف ۾ روحي نور جي روشني چيو ويجي ٿو. ۽ سالڪ کي ٻهريائين انهي نور جي روشني کي جيڪا ڳاڙهي رنگ جي هوندي آهي حاصل ڪرڻي پوندي آهي ۽ انهي روحاني روشني جي رنگ ۾ رڃي رهڻو ٿيڻو پوندو آهي. انهي ڪان پوء سالڪ اڳتي ترقي ڪري ٿو ۽ انهي روشني جي مدد سان ئي سالڪ کي مشاهدا ٿين ٿا ۽ انهي روشني جي مدد سان هن کي معرفت جو ماڳ حاصل ٿئي ٿو يا انهي روشني جي ئي مدد سان سالڪ جي معرفت جي

اڇـو ڀانئي لڙ ٿئو، ڪالورئو ڪنڪن،
اينديءَ لهر مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا.

(ڪارايل ١-١)

مٿئين بيت ۾ اڇو ڀانئي ۽ هنجڙا ٻئي لفظ ڀاڪائي جي لاءِ ڪم آندا آهن.

ٻيو بيت آهي ته:

چنڊ تنهنجي ذات، ڀاڙيان نه ڀرين سان،
تون اڇو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

هن بيت ۾ چنڊ جي روشني جي اڇي هجڻ ڪري ڏسندڙن کي سک ۽ آرام ڏيندڙ ڪري شاهه بيان ڪيو آهي.

هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب لطيفي سري جي نور جو ذڪر بلڪل صاف ڪيو آهي چوي ٿو ته:

ويئو جي وماسين حيرت ڀشوم هـور،
اونهو جو اڇو وهي، گهڙي تئائين گهور
ڏنيون هڏم ڏور، گهورئو ڪب ڪسن ڀو.

(ڪارايل ١ - ٩)

ساڳئي مطلب وارو هي ٻيو بيت آهي:

ويئو جئن وماسين حيرت ڀئوم هاڻ،
للن ڪي لطيف چئي، اڇي ساڻ آرام،
ڪنڪن لئي ڪاڻ، ڳڏئو هنج حبيب ڪي

(ڪارايل - ١- ١٩)

پهرئين بيت ۾ سالڪ کي نصيحت ٿو ڪري ته ڇو تون حيرت ۾ ٻيو آهين ڇو فهم ٻيو ڪرين، اڇو جيڪو اونهو ڀانئي ٻيو وهي تنهن ۾ گهڙ. جئن ته پهريائين نفس، قلب ۽ روح تي نور جي

جهڙي ۽ ڪر ڪي ڪمڻ وقت پيش اچي ٿي . وڌيڪ واضح هن بيت ۾ شاهه انهي ڪيفيت ڪيو آهي:

پرتوو پنهونءَ جو جهڙ جن جهالا ڏي ،
آئون ته آري ڪيء، ونهؤ راه رنان گهڻون :

(ڪوهياري ٣-١١)

هن بيت ۾ شاهه تمام خوبصورت انداز ۾ انهي ڪيفيت ڪي پيش ڪيو آهي ته محبوب جو پاڇو انهن نظر اچي ٿو جيئن جهڙ مان سج جهاتيون پائيندو آهي ڪڏهن سج جي روشني ڪڪرن مان نڪري اڳيان روشني آئي ٿي ڪڏهن اها روشني ڪڪرن ۾ لڪيو جهاتيون پائي ٿي ، ۽ آءَ انهي راه لاءِ وڃو نهاريان ۽ انتظار ڪري ونيو روئان ، ته وري ڪڏهن اها روشني ٿيندي ۽ وري ۽ محبوب حقيقي کان انهي انتظار جي شڪايت نه ڪندي انهي انتظار کي راحت ٿو سمجهي ۽ انهي کي مٺي محبت ٿو چوي ۽ جيڪا سالڪ جي صحت لاءِ بهتر ٿو چوي :

پرتوو پنهوءَ جو، رکيائي راحت ،
پايان ڏيه پوارڻون، ساجن لاءِ صحت،
مٺي مصيبت ، آهي آري ڄام جي .

(ڪوهياري- ٣-١٢.)

لطيفي سري ۽ لطيفي خفي جي حالتن جو بيان ڪندي شاهه صاحب هن بيت ۾ چوي ٿو ته :

اچارا، عميق جا ڳڌئا غواصن ،
جهرپون جهاڳي آنها ڪارونيار ڪنن ،
سمنڊ سوجهي جن آئي اصل اولئا .

(سريراڳ ٢-١٠.)

منهن ۾ رت اٿئي ته عشق جي دعويٰ نه ڪر، جڏهن سانوَ منهن تي وڃي رت ختم ٿي وڃي تڏهن سچو عاشق سڏاءِ“! ١٨

انهي مان ۾ ساڳيو مطلب نڪري ٿو ته سالڪ تيسين مڪمل نٿو ٿي جيسين ڪ نور جي ڳاڙهي روشني ڪان پوءِ نور جي سائي روشني نٿي پوي ۽ جيسين نور جي سائي روشني نٿي پوي سالڪ جو منهن سانوَ نٿو ٿئي تهسين مڪمل نٿو ٿئي. ۽ سالڪ تي جڏهن نور جي روشني ٿئي تي ۽ جڏهن هي سڀ منزلون طي ڪري آخرين منزل مائي ٿو ۽ محبوب حقيقي جو ديدار هن ڪي ٿئي ٿو تڏهن سالڪ جي سونهن سوڀيا ڪيتري هوندي آهي تنهن جو نقش هن ريت پيش ڪيو اٿس:

جهڙا پاڻن پن تهڙيون شالون مٿن سائيون،
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوتا ساڻ چندن،
سنهن رهي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهه مرڪش من، سوڍي سين سگ ٿئو.

(مومل راڻو ٣، ٢)

مٿين بيت ۾ شاهه انهي سالڪ جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو معرفت جي آخرين منزل حاصل ڪري چڪو آهي يعني مڪمل ٿي چڪو آهي. هن تي سائي نور جي روشني پيئي پوي منجهائس عطر عنبير جي خوشبو پئي اچي، سندس بدن کي چندن ۽ مشڪ سان مڙهيو ويو آهي ۽ سندن جسم تي سهڻا ويس پيا آهن؛ جاڪاڻ ته سندس ملاقات پنهنجي محبوب حقيقي سان ٿي چڪي آهي ۽ سندس

قلب خوشي کان مرڪي پيو. ٻين لفظن ۾ سالڪ جڏهن فنا في الله کان پوءِ بقا بالله تي اچي ٿو تڏهن انهي سالڪ جي جيڪا سونهن هوندي ۽ جيڪا ۽ سندس اندر جي ڪيفيت هوندي انهيءَ کي پيش ڪيو آهي.

هيٺين بيت ۾ اهڙي سالڪ جي تصوير ڪشي ڪئي اٿس جيڪو دلبر جي در لب ديدار ڪري چڪو آهي. هي مڪمل ٿي بقا بالله تي واپس ٿيو آهي:

ڪال ڪڏئو سون ڪاپڙي بابوبان بري،
سائي شال ڪلهن تي سامي سون سري،
خبر ڏي ڪري مومل جي مجاز جي.

(مومل راڻو ١ - ٣)

هن بيت ۾ شاهه صاحب لطيفن جي ٽن رنگن جو ذڪر ڪيو آهي پهريون لطيفي نفسي جو رنگ ڪثيف يعني مٽي جهڙو رنگ. جيئن پهرئين آهي ته:

"ڪال ڪڏ ئو سون ڪاپڙي بابو بان بري"

يعني اهڙو ڪاپڙي جيڪو مٽي ۾ پيوت هو يعني هي پنهنجي نفس کي فنا ڪري چڪو هو هن تي لطيفي نفسي ڪري نور جي ڪسيف رنگ جي روشني آهي. وري چوي ٿو:

"سائي شال ڪلهن تي، سامي سون سري"

يعني سندس سيني تي ڳاڙهي يعني لطيفي روحي جي نور جي روشني سيني کان مٿي سائي رنگ جي نور جي روشني پوي پيئي ۽ هي محبوب حقيقي جو ديدار ڪري واپس ٿيو آهي، هن کان محبوب حقيقي جي مجاز جي خبر ونو؟ ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته هڪ اهڙي سالڪ جو ذڪر ٿو ڪري جنهن جي نفس تي ڪسيف رنگ

( هي ٻاهر جي روشني سج جي روشني کان آهي )

وان درون از عکس انوار علامت ،

( هوءَ باطني روشني عالم ٻالا جو عڪس آهي )

نور نور چشم خود نور دل ست ،

( خود بينائي جو نور دل جو نور آهي )

نور چشم از نور دلها حاصل ست

(بينائي جو نور دلين جي نور مان حاصل ٿئي ٿو )

باز نور نور دل خداست

(وري دل جي بصيرت جو نور خدا جو نور آهي ، )

کوز نور عقل و حس پاک و جدا ست

( جو عقل ۽ حس جي نور کان پاڪ ۽ جدا آهي )

## حوالا


١ - خواجه شاهه محمد عبدالصمد صاحب چشتي - لاهور - ص ١٢٣

٢ - تنوير عباسي "نرتي تند نياز سين شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جو اپياس" سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي - فيبروري ١٩٨٨ع ص ٢٧

٣ - شاهه سيد محمد ذوقي ، "سر دلبران" محفل ذوقيه ڪراچي. ١٤٠٥هه ص ٢٩٩

٤ - علي نواز حاجن خان جتوئي ، ابتدائي سلوڪ ، حيدرآباد ، ١٤٠٧هه ص ٨

٥ - ايضاً ص

٦ - ايضاً

٧ - ايضاً

٨ - شاهه سيد محمد ذوقي ص ٢٩٨، ٢٩٩

٩ - مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، حمل فقير لغاري، ڪلمات حمل . سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي ، ١٩٥٧ ، ص ٩٣

١٠ - ايضاً ص ٩٦ ۽ ٩٣

١١ - ايضاً ص ٩٣

١٢ - تنوير عباسي، نرتي تند نياز سين . ص ٢٣

١٣ - ايضاً ص ١٧

١٤ - ايضاً ص ١٣

١٥ - ايضاً ص ١٥

١٦ - ايضاً ص ٢٣

١٧ - ايضاً ص ٢٦

١٨ - ايضاً ص ٢٦

١٩ - مثنوي مولانا رومي .

---

ڊاڪٽر قاضي خادم

# سنڌي خاڪا نويسيءَ جي ارتقا

خاڪو بنيادي طرح جيون ڪهاڻيءَ جو ئي هڪ قسم آهي(١) فرق صرف اهو آهي تہ هن صنف ۾ جيون ڪهاڻيءَ واري طوالت ۽ تفصيل کان پاسو ڪيو ويندو آهي. قدامت جي لحاظ کان هيءَ صنف سنڌي ادب ۾ ان ئي دور ۾ شامل ٿي چڪي هئي، جڏهن جيون ڪهاڻي ۽ آتم ڪهاڻي سنڌي ادب ۾ پير پاتو هو. ان جو اندازو سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي جي سيپٽمبر ١٩١٦ع واري شماري ۾ آيل خاڪن مان لڳائي سگهجي ٿو. جن ۾ صديق فقير، وتايو فقير، جادو فقير، سوايو چاچڪ وغيره جا خاڪا ڏنل هئا (٢)، پر ان کان بہ اڳ ١٨٨٨ع ۾ ڪيترن ئي مذهبي شخصيتن جا جيون خاڪا لکجي چڪا هئا جيڪي ١٩٣٩ع ۾ شايع ٿيا (٣). هن مجموعي ۾ ڪبير، ميران ٻائي، نامديو، شاهہ عبداللطيف

---

(١) قاضي خادم، ڊاڪٽر، "جيون ڪهاڻيءَ جو فن"، ڪونجهر-٣، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ١٩٨٩ع، ص- ٩٨.

(٢) جڳتياڻي لالچند امرڏنو مل "سنڌ جون سوکڙيون" رسالو نمبر-٩ ٽيون ورهيہ، سنڌي ساهت سوسائٽي حيدرآباد. ١٩١٦ع.

(٣) ملڪاڻي منگهارام، "سنڌي نثر جي تاريخ"- زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ١٩٧٧ع، ص ٢٣.

پنائي، صورت بهار، سامي، شيخ سعدي، شيخ فريد، تاراچند، بلا شاهہ، گل محمد، قليچ بيگ ۽ خاڪيءَ جا جيون خاڪا ڏنل آهن.

هن کان اڳ ۱۹۲۰ع ۾ بولچند پرسرام جو ”ودوان ناريون“، ۱۹۲۱ع ۾ ليلارام پريمچند ۽ چيئمل پرسرام جوڪتاب ”صوفي سڳورا“، محمد صديق مسافر جو ”صوفي سونهارا“ ۽ ”سچاڻ زالون“، ۱۹۲۱ع ۾ فتحچند مينگهراج جو ”پارت پوشڻ“، ”هندو پرش ۽ ناريون“. ۱۹۳۰ع ۾ مولانا دين محمد وفائي جو ڪتاب ”هندستان جون رائيون،“ ۱۹۳۱ع ۾ ٽهلرام آسودو مل جو لکيل ”سنڌ جا سنت“ ۽ ۱۹۳۲ع ۾ نئي ”امريڪا جا مهاپرش“ (جنهن ۾ ابراهام لنڪن ۽ ٻين اهم شخصيتن جا جيون خاڪا آهن، اصل لکيل ڊاڪٽر سنبر لنڊ) ۽ نرملداس گربخشاڻيءَ جا لکيل جيون خاڪا ”سنڌ جا مٺيا“ شايع ٿيو جنهن ۾ ساڌو نولراءِ ۽ هيرانند، ڏيارام گدومل، ڏيارام چيئمل، ديوان ڪوڙو مل ۽ پنڪت روپچند، سيٺ هرچندراءِ وشنداس ۽ ريجهومل لاهوريءَ جا جيون خاڪا آهن.

۱۹۳۶ع ۾ ”سنڌي سونهارا“ جي نالي سان ڪتاب شايع ٿيو جنهن ۾ ساڌو نولراءِ ساڌو هيرانند، ڏيارام گدومل، ڪوڙو مل چندن مل، مرزا قليچ بيگ، پائي مولچند مينگهراج ۽ سري رام ڪرشن جا جيون خاڪا آهن، جيڪي سلسليوار هنن ليکڪن جا لکيل آهن: نرملداس گربخشاڻي، واڌو مل مولچند، شيوارام ڦيروائي، چرنداس ٺاڪر، مرزا همايون بيگ، ٽهلرام آسودو مل ۽ پريداس برهمچاري. (۴)

ان شروعاتي دور ۾ صرف مذهبي شخصيتن يا سماجي ڪارڪنن جي جيون بابت ئي خاڪا لکيا ويندا هئا جيڪي دراصل

---

(۴) ساڪيو- ص ۲۳.

گھڻا تڻا اھڙا آھن جن سان مصنف جا ذاتي نوعيت جا لاڳاپا رھيا آھن ، ۽ ڪي سندن سياسي ۽ سماجي سفر جا ساٿي به ھئا . انھن ۾ مرزا قليچ بيگ ، علامه آءِ آءِ قاضي ، چيتمل پرسرام گلراجاڻي ، خان بهادر عظيم خان ، سردار بهادر محمد بخش ”کوجهي“ ، غلام محمد پرڳڙي ، شيخ عبدالمجيد سنڌي ، ڊاڪٽر نور محمد شيخ ، مسٽر جمشيد نسروانجي ، غلام علي چاڳلا ، ڊاڪٽر دائود پوٽو ، ڊاڪٽر گربخشاڻي ، پيرومل مهرچند آڏواڻي ، مخدوم محمد زمان طالب المولي ، لالچند امر ڏنو مل ، سر شاهنواز ڀٽو ، شيخ اياز ، پير علي محمد راشدي ، شهيد الاهي بخش سومرو ۽ ٻين ڪيترن جا جيون خاڪا ڏنل آھن . ھي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع ، ۾ شايع ڪيو.

## سانگي ڪي ساريان:

ھي شيخ عبدالرزاق راز جي لکيل خاڪن جو مجموعو آھي. جنهن ۾ شيخ اياز ، مرحوم عطامحمد حامي ، پروفيسر ميمڻ عبدالمجيد ، آغا سليم ، نارائڻ شام ، عبدالحليم جوش ، اياز قادري ، غلام رباني ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا خاڪا ڏنل آھن . ھي خاڪا به ادبي قسم جا آھن ۽ نهايت دلچسپ آھن . خاص ڪري انھن جي ٻولي تمام سهڻي آھي.

آفاق صديقيءَ ھي ڪتاب لطيف يادگار ڪميٽيءَ طرفان ١٩٧١ع ۾ شايع ڪرايو.

## اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ:

مرحوم جي- الانا جي ھن ڪتاب ۾ انھن اھم شخصيتن جا جيون خاڪا آھن ، جن جو ھن ننڍي کنڊ جي سياست تي اھم اثر ھو. انھن ۾ مجدد الف ثاني ، شاھ ولي الله ، حيدرعلي ٽيپو سلطان ، ھوش محمد قمبراڻي (ھوشو شيدي) ، سر سيد احمد خان ،

علامہ اقبال ، مولانا حسرت موهاني ، قائد اعظم، مولانا عبيدالله سنڌي، لياقت علي ۽ ٻيا ڪيترا اهم سياسي اڳواڻ شامل آهن .

انگريزيءَ ۾ لکيل هن ڪتاب جو ترجمو پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادريءَ جو ڪيل آهي ، جو تمام سليس ، ادبي ۽ فهميدو آهي . هي ڪتاب قائد اعظم اڪيڊمي ڪراچي طرفان ١٩٨٠ع ۾ شايع ڪيو ويو .

## پرين جي پچار :

محمد موسيٰ ڀٽو جو لکيل هي ڪتاب اصل اردوءَ ۾ آهي ، جنان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي . هن ۾ جن شخصيتن جا جيون خاڪا ڏنل آهن تن ۾ ، خانبهادر حسن علي آفندي ، مولانا تاج محمد امروٽي ، جان محمد جوڻيجو ، شيخ عبدالمجيد سنڌي ، جي - ايم سيد ، مولانا خيرمحمد نظامائي ۽ ٻين جا جيون خاڪا شامل آهن .

هي ڪتاب سنڌي ۾ انور جوکئي ترجمو ڪيو ۽ ١٩٨٣ع ۾ شايع ٿيو .

## تذڪره مشاهير سنڌ :

مرحوم مولانا دين محمد وفائي جو لکيل هي ڪتاب سنڌ جي مشاهيرن جي جيون خاڪن تي مشتمل آهي . هن ۾ سنڌ جي عالمن ، بزرگن ۽ اهم شخصيتن جي حياتيءَ جو مختصر پر اهم احوال ڏنل آهي انهن ۾ ٣٥٢ شخصيتون شامل آهن .

انهن ۾ مخدوم ابوالحسن ڏاهري، ابوعلي سنڌي ، مخدوم ابوبڪر هالائي ، ابوالحسن ٺٽوي ، ابوالقاسم نمڪين ، مخدوم احمد هالائي ، محمدحسن بوڪس، شمس‌الدين بلبل ، عبدالغفور همايوني ، مرزا قليچ بيگ، سيد ميران محمد شاهہ ، يوسف نانڪ، آخوند رحمت‌الله هالائي، مخدوم حضرت سرور نوح هالائي، شيخ حماد جمالي، آخوند قاسم هالائي ،

قاضي قاضن ، شيخ نوح ڪيرائي ، شاهہ لطيف ، قادر بخش بيدل ، خواجہ محمد زمان لنواري وارو ، سچيڏنو فقير ۽ ٻيا ڪيترا ئي اهل علم شامل آهن .

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان ١٩٨٥ع ۾ شايع ڪيو ويو .

## سدا ساوا ٻن :

هن ۾ دنيا جي چئن انقلابي اديبن جا جيون خاڪا آهن، جيڪي ولي رام ولڀ سنڌيءَ ۾ پيش ڪيا آهن .

انهن ۾ فلسطين جي شاعر محمود درويش جو انٽرويو ، ڪهاڻيڪار يشپال جو جيون خاڪو ، چليءَ جي شاعر پيبلو نرودا ۽ اسپين جي انقلابي ليکڪ فريڊرڪو گارسيا لورڪان جا جيون خاڪا آهن .

هي ڪتاب سگند پبليڪيشن طرفان ١٩٨٣ع ۾ شايع ڪيو ويو .

## جديد سياست جا نو رتن :

هن ڪتاب ۾ محترم جي ايم سيد ننڍي کنڊ جي سياست جي اهم رڪنن جي حياتيءَ جو انگن اکرن سان احوال ڏنو آهي ، هنن ۾ مشهور ٿياسافسٽ ڊاڪٽر اينيي بسنت ، مهاتما گانڌي ، پنڊت جواهر لعل نهرو ، مولانا ابوالڪلام آزاد ، سر سيد احمد خان، مولانا محمدعلي جوهر ، علامہ اقبال ۽ قائداعظم جا جيون خاڪا ڏنل آهن . هنن خاڪن ۾ تاريخ جي هنن اهم ڪردارن جي سياسي ، سماجي توڙي عملي زندگيءَ سان گڏ هنن جي حياتيءَ جو مستند احوال قلمبند ڪيو ويو آهي .

هي ڪتاب ٻيو دفعو نوڙي پبليڪشن طرفان ١٩٨٦ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي .

## مشاهير اسلام :

هن ڪتاب ۾ ٥٣ مشاهير جا جيون خاڪا ڏنا ويا آهن. انهن ۾ حضرت اويس قرني ، حضرت سلمان فارسي ، عمر بن عبدالعزيز ، خواجہ حسن بصري ، حڪيم عمر خيام ، شيخ عبدالقادر جيلاني ، سلطان صلاح الدين ايوبي، حافظ شيرازي، حڪيم بوعلي سينا، شيخ فريدالدين عطار، خواجہ نصير الدين طوسي ، شيخ ابوالفضل ۽ فيضي ، شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتاني اولياء ۽ ٻين اهم شخصيتن جو ذڪر آهي.

مولوي عبدالرحيم مگسيءَ جو لکيل هي ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان ١٩٨٦ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

## ادبي خاڪا :

جديد دور ۾ سنڌي ادب ۾ خاڪن لکڻ جو رواج زور ورتو آهي. هي خاڪا شخصي قسم جا ٿين ٿا ۽ انهن جو انداز مزاحيہ ۽ طنزيہ ٿئي ٿو. اهي خاڪا هڪ شخص جو صرف ظاهري خاڪو نٿا پيش ڪن ، پر هن جي فڪر ۽ سوچ پڻ ظاهر ڪن ٿا. اهي خاڪا دلچسپ بہ ٿين ٿا ۽ معلوماتي پڻ. انهن کي پڙهڻ سان پڙهندڙ ان شخصيت کي پنهنجي تمام ويجهو ٿو محسوس ڪري، جنهن جي باري ۾ خاڪو لکيل آهي.

سنڌي ادب ۾ هن قسم جي خاڪن جو رواج پير علي محمد راشديءَ ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ لکي وڌو ۽ علي محمد بروهي ۽ عبدالقادر جوڻيجي پنهنجين لکڻين سان ان کي زور وٺرايو. ادبي خاڪن جا ڪي اهم ڪتاب هي آهن.

## اهي ڏينهن اهي شينهن :

پير علي محمد راشديءَ جي لکيل هن ڪتاب جا ٽي حصا آهن جن ۾ اپر سنڌ ۽ لوئر سنڌ جي ڪيترن ئي اهم شخصيتن، اديبن،

شاعرن ، سگهڙن ، سياستدانن ۽ سماجي ڪارڪنن جا خاڪا ڏنل آهن، جيڪي پنهنجي سهڻي ٻوليءَ ۾ دلچسپ انداز جي ڪري ادبي نوعيت جا آهن .

هن ۾ خيرپور، سکر ، شڪارپور، جيڪب آباد ، لاڙڪاڻو ، دادو ، ڪراچي ، حيدرآباد ، ٺٽو ، ميرپور خاص ، جهوڪ شريف ۽ ٻين علائقن جي اهم شخصيتن ، اديبن ، شاعرن ، عالمن ، سياستدانن ۽ استادن جو نهايت دلچسپ بيان ڪيل آهي .

هن ڪتاب جا ٽي حصا سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد مان ١٩٦٦ ، ١٩٨٠ع ۽ ١٩٨١ع ۾ شايع ڪيا ويا .

## هو ڏوٿي هو ڏينهن:

هي ڪتاب مرحوم حسام الدين راشديءَ جي يادگيرين جي متعلق آهي جنهن ۾ هن ڪيترن عالمن ، بزرگن ، اديبن ۽ شاعرن جا خاڪا به لکيا آهن، جو انهن مان هنن جي زندگي جي اهڙن پهلوئن جي خبر پوي ٿي جيڪا جيون خاڪي يا جيون ڪهاڻيءَ ۾ ملڻ مشڪل آهي ، تنهنڪري هي شخصي ۽ ادبي قسم جا خاڪا آهن .

هن ۾ نوازعلي نياز ، حيدر بخش جتوئي ، ڪامريڊ عبدالقادر ، نواب حاجي امير علي خان لاهوري ، سر شاهنواز ڀٽو ، ديوان پرتاب راءِ ، ديوان ڪندن سنگهه ، قاضي فضل الله، سر عبدالله هارون ، حسن علي آفندي ، نور محمد وڪيل ، نهچلداس همت سنگهاڻي ، پير الاهي بخش ، مرزا قليچ بيگ، مير عبدالحسين ”سانگي“ ، مهاتما گانڌي ، ابوالڪلام آزاد ، ڊاڪٽر گربخشاڻي ، ڊاڪٽر دائود پوٽو ، مولانا دين محمد وفائي، ڪاڪو ڀيرومل، پروفيسر شاهاڻي ، ڀيرومل ،

ثواب آف ڪالا باغ ملڪ امير محمد خان ۽ ياڻي ڪنور جا خاڪا آهن .

علي احمد بروهيءَ جو هي ڪتاب نيو فيلڊس پاران ١٩٨٧ع ۾ شايع ڪيو ويو .

**رُڃ ۽ پڇاڙي :**

پير علي محمد راشديءَ جو هي ڪتاب اخباري ڪالمن تي ٻڌل آهي . هن ۾ لطف الله جوکيي ، ميان نعمت الله قريشي ڪانسواءِ پين ڪيترن مشاهير جا مختصر خاڪا آهن .

هي ڪتاب سنگم پبليڪيشن ڪراچي طرفان ١٩٨٩ع ۾ شايع ڪيو ويو .

**مڙهن تڏين مشعل .**

تنوير عباسي جي لکيل خاڪن جي هن مجموعي ۾ علامه آءِ ـ آءِ قاضي ، شيخ عبدالمجيد سنڌي ، حيدر بخش جتوئي ، پير حسام الدين راشدي ، مولانا غلام محمد گرامي ، مقبول پٺي ، رشيد پٺي ، نسيم کرل ، عابده پروين ، ڏاڏا شاهه ، عمر بورچي ، ۽ الڻ شاهه جا خاڪا ڏنل آهن .

هي پڻ ادبي خاڪا آهن . نيو فيلڊرس پاران هي ڪتاب ١٩٩٠ع ۾ شايع ڪيو ويو .

**رسالن جا خاص نمبر :**

ڪيترن ئي سنڌي رسالن ۾ ڪيترين اهم شخصيتن جي جيون خاڪن تي رٿيل خاص نمبر به ڪڍيا ويا آهن ، جن مان ڪن اهم نمبرن جو ذڪر ڪجي ٿو .

**"جوت" گولڊن جوبلي نمبر :**

جوت جي هن خاص نمبر ۾ ديوان پرمانند ميوارام جي شخصيت جي مختلف پهلوئن بابت خاڪا ڏنا ويا آهن . هن ۾ سوپراج

نرملداس، منوهر داس ڪوڙومل، ڏيارام وسڻمل ميرچندائي، جهمٽ سنگهہ ايچ آڏواڻي، پروفيسر چيتن ماڙيوالا، لالچند امرڏنومل جڳتياڻي، هيرانند ڪرمچند، پروفيسر ڪي - وي - آڏواڻي ايم اي، پروفيسر ايس - ايس - ڦيرواڻي، ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ ڪن ٻين جا لکيل ادبي ۽ جيون خاڪا آهن.

جوت جو هي گولڊن جوبلي نمبر جنوري ١٩٣٧ع ۾ جوت جي آفيس حيدرآباد مان شايع ٿيو ان جو ايڊيٽر اين ابن ڪولواڻي هو.

## "ٽہ ماهي مهراڻ" جو سوانح نمبر:

ٽہ ماهي مهراڻ جو هي نمبر سنڌ ۾ خاڪن جي تاريخ جو هڪ اهم حصو آهي. هن نمبر ۾ سنڌ جي اهم اديبن، دانشورن، عالمن ۽ چڱن مڙسن جي حياتي تي خاڪا پيش ڪيا ويا آهن. انهن مان ڪيترا خاڪا انگن اکرن جي آڌار تي لکيل جيون خاڪا آهن تہ ڪيترا ذاتي تعلق ۽ واسطي جي بنيادن تي لکيل ادبي ۽ شخصي خاڪا پڻ آهن. عنوانن جي ورهاست هن طرح ڪيل آهي.

١- علماء فضلا، ٢- بغاوت جا باني ۽ آزاديءَ جا علمبردار، ٣- قومي خادم ۽ سياسي رهنما، ٤- درويش ۽ فقرا، ٥- اديب ۽ شاعر، ٦- سگهڙ ۽ مياڻا، ٧- متفرقات، ۽ ٨- ادبي بورڊ جا ميمبر.

هي هڪ جامع ۽ مستند دستاويز آهي جنهن ۾ شايد ئي ڪو سنڌ جو ان وقت جو اهم شخص رهجي ويو هجي. سنڌي ادبي بورڊ طرفان هي نمبر ١٩٥٧ ۾ شايع ٿيو. ان جو مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر شمشير الحيدري هو.

## "ٽہ ماهي الرحيم" جو ١٣ صديءَ جا مشاهير سلڪ:

ٽہ ماهي الرحيم جي هن خاص نمبر ۾ ١٣ صدي جي ١٢٠

اهم شخصيتن جا خاڪا ڏنا ويا آهن . هنن خاڪن جو انداز اهڙو آهي جو انهن کي مختصر جيون ڪهاڻيون ٿي چئي سگهجي ٿو .

شاهه ولي الله اڪيڊميءَ طرفان نڪرندڙ هن رسالي جو ايڊيٽر سنڌ جو عظيم عالم ، محقق ۽ اديب علامه غلام مصطفيٰ قاسمي آهي ، جنهن خود ڪيترين اهم شخصيتن جا خاڪا لکي هن پرچي ۾ شامل ڪيا آهن .

" الرحيم" جو هي پرچو ١١-١٢ شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ طرفان ١٩٦٧ع ۾ شايع ٿيو .

## مهراڻ جا ماڻڪ :

نئين زندگي رسالي ۾ شايع ٿيل قومي نغمن جي هن مجموعي ۾ ڪيترن شاعرن جا مختصر خاڪا پڻ ڏنا ويا آهن . ليڪن هي خاڪا انتهائي مختصر آهن . هن ڪتاب ۾ جن شاعرن جا خاڪا ڏنا ويا آهن انهن ۾ الهه بخش ابوجهو ، حاجي محمود خادم ، حافظ عبدالله ، غلام احمد نظامي ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ، نواز علي نياز ، مخدوم صالح پڻي ، نياز همايوني ، عبدالڪريم گدائي ، مرزا گل حسن ڪربلائي (هن جي آتم ڪهاڻيءَ مان ورتل ) علي محمد مجروح ، مظفر حسين جوش ، پروفيسر اياز قادري ، شيخ عبدالله عبد ، رشيد احمد لاشاري ، پروفيسر عطا محمد حامي ، هري درياڻي دلگير ، مخدوم محمد زمان طالب المولي ، سيد ميران محمد شاهه ۽ ٻيا ڪيترا شاعر . هي ڪتاب نئين زندگيءَ جي سلسلہ مطبوعات ٣ ، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي طرفان شايع ڪيو ويو .

## مهراڻ جو "شاعر" نمبر :

ٽه ماهي مهراڻ جي هن خاص نمبر ۾ جن شاعرن جو ڪلام ڏنو ويو آهي تن جا مختصر جيون خاڪا ، ڏنا ويا آهن . هن ۾

جي تحريڪ جو احوال پڻ ملي ٿو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي جي ڇهه ماهي رسالي سنڌي ادب جو هي پرچو ١٩٧٦ع ۾ شايع ٿيو.

**علامہ اقبال نمبر:**

ٹماهي مهراڻ طرفان علامہ اقبال جي شخصيت تي هي نمبر جولاءِ- ڊسمبر ١٩٧٧ ۾ شايع ڪيو ويو. هن پرچي ۾ ڪجهه خاڪا ترجمو آهن ته ڪجهه اصلوڪا. ترجمو ڪندڙن ۾ وليرام ولڀ، گل محمد شاهه رضوي ۽ سوڀار علي سومرو شامل آهن، جڏهن ته مولانا غلام محمد گرامي مرحوم اصلوڪو خاڪو لکيو آهي.

هتي هندستان جي مشهور سنڌي رسالي ڪونج جو ذڪر ڪرڻ تمام ضروري آهي جنهن پروفيسر رام پنجواڻي، نارائڻ شام ۽ ٻين اديبن جا خاص نمبر ڪڍيا جن ۾ هنن جي حياتيءَ تي ادبي توڙي جيون خاڪا ڏنل آهن.

**متفرقہ ڪتاب:**

مٿي ڄاڻايل ڪتابن ۽ رسالن کانسواءِ ڪيترا ئي ٻيا ڪتاب آهن جن ۾ مختلف شخصيتن جا جيون توڙي ادبي خاڪا ملن ٿا. اهڙن مان ڪي خاص ڪتاب هي آهن.

**لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ:**

ڊاڪٽر غلام علي الانا جي پي- ايچ - ڊي جي لاءِ مقالي طور لکيل هن تاريخ ۾ لاڙ جي ڪيترن اهم شخصيتن جا جيون خاڪا ڏنا ويا آهن، انهن ۾ بزرگ، عالم، لوڪ ادب جي شاعرن ۽ ٻين مشاهير جا مختصر ليڪن معلوماتي جيون خاڪا ڏنل آهن.

هن تاريخ ۾ پير صدرالدين، محمد هاشم مخلص، حافظ عبدالله بسمل، غلام احمد "ساقي"، محمد صديق "مسافر"، علامہ مخدوم معين الدين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مولوي محمد عثمان، حافظ تقي، اسدالله شاهه، مولوي احمد ملاح، شيخ پرڪهو

ڪاتيار، شيخ حماد جمالي، شاھ عنايت صوفي شهيد، ماجن سوائي، شاھ ڪريم، خواجه محمد زمان، مير غلام علي خان، سيد ميران محمد شاھ، شاھ محمد نابين نڙ وارو ۽ ٻين ڪيترن اهم شخصيتن جا جيون خاڪا آهن. هي ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان ١٩٧٧ ۾ شايع ڪيو ويو.

سانگهڙ جا سپاجهڙا -

هن ڪتاب ۾ الحاج غلام قادر ناريجو، جمعدار ڪوڙو خان ناريجو ۽ سردار محمد بخش ناريجو جا جيون خاڪا شامل آهن. هي جيون خاڪا سياسي نوعيت جا آهن.

هي ڪتاب پاپولر پرنٽرس عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان سردار محمد بخش ناريجو جون ١٩٧٩ ۾ شايع ڪيو.

ڏٺم اڻ ڏٺل -

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي هن ڪتاب ۾ ڪيترن شاعرن ۽ اديبن جا مختصر ادبي خاڪا ڏنل آهن. هي ڪتاب سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان ١٩٨٠ ۾ شايع ڪيو ويو.

دربار قلندر -

حالانڪ، هي سيوهڻ جي تاريخ جي بيان ۾ لکيل ڪتاب آهي ليڪن ان ۾ قلندر جي ڪيترن ئي معتقدن جا جيون خاڪا ڏنل آهن. انهن ۾ سڪندر بودلو، سيد مير ڪلان، شيخ مکڻ، شاھ گودڙيو، پير پٺو، مخدوم بلاول شهيد، رمضان فقير ۽ ٻيا ڪيترا ان دور جا بزرگ شامل آهن.

عنايت الله پٺي جي لکيل هن ڪتاب کي نياز حسين شيخ دڪاندار قلندري بازار سيوهڻ، ١٩٨١ع ۾ شايع ڪيو.

اندر جهلين اڄ -

مهتاب محبوب جي هندستان جي هن سفر نامي ۾ موهن ڪلپنا

جو لکيل مهتاب محبوب جو مختصر خاڪو "سنڌي ادب جو تاج محل" سنڌي خاڪا نگاري ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو.

هي ڪتاب ارم پبليڪيشن حيدرآباد طرفان جنوري ١٩٨١ ۾ شايع ڪيو ويو.

## ڳالهيون ڳوٺ وڏن جون.

هي ڪتاب مرحوم پير حسام الدين راشديءَ جو لکيل آهي، جنهن ۾ هن سنڌي عالمن، مورخن ۽ شاعرن جا جيون خاڪا لکيا آهن. انهن ۾ محمد عارف "بيدل" منشي صاحب راءِ آزاد، آخوند محمد بچل، مير علي شير قانع، مولانا محب علي سنڌي ۽ مولانا دين محمد وفائي جا خاڪا شامل آهن.

هي خاڪا جدا جدا وقتن تي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل هئا جيڪي هڪ هنڌ سهيڙيا ويا آهن ۽ انجمن تاريخ سنڌ ڪراچيءَ طرفان ١٩٨١ع ۾ شايع ڪيا ويا.

## سوانح حيات نمبر، ماهانه شريعت ـ سکر ـ

هي هڪ اهم پرچو آهي جنهن ۾ سنڌ جي ڇهن ضلعن، سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، دادو ۽ خيرپور جي عالمن جا جيون خاڪا ڏنا ويا آهن. اهڙيءَ طرح هن نمبر ۾ ٢٨٦ عالمن جا خاڪا آهن.

ماهنامه شريعت جو هي نمبر آڪٽوبر ١٩٨١ع ۾ شايع ٿيو. ان جو ايڊيٽر محترم عبدالوهاب چاچڙ هو.

## سارو ڏيون.

صحافي ۽ اديب گرداس واڌوانيءَ جي هن ڪتاب ۾ پير علي محمد راشدي، ديوان ڏيارام گدو مل ۽ نانڪن جي بادشاه، نواب محمد خان لغاري جا جيون خاڪا ڏنل آهن.

ڏيپلائيءَ جي جيون تي لکيل ڪيترن ئي خاڪن تي مشتمل هي ڪتاب نور عباسي حيدرآباد مان شايع ڪيو.

هنن مجموعن، ڪتابن ۽ رسالن کانسواءِ ٻين ڪيترن رسالن ۽ اخبارن ۾ مختلف وقتن تي مختلف شخصيتن جا نمبر پڻ نڪرندا رهندا آهن جن ۾ ڪيترن ئي اهم مذهبي، ادبي، سماجي، سياسي، ثقافتي شخصيتن جا جيون خاڪا آهن. ليڪن جيئن ته اهي ٽڙيل پکڙيل آهن، تنهن ڪري جيستائين اهي سڀئي ڪنهن هڪ هنڌ جمع نه ڪيا ويندا، تيستائين انهن جي اهميت جو اندازو نه لڳائي سگهبو.

جديد سنڌي ادب ۾ جيون ڪهاڻي توڙي جيون خاڪا نهايت اهم جڳهه والاري چڪا آهن. يورپي اديبن وانگر سنڌي اديب به هاڻي جيون ڪهاڻين ۽ خاڪن جي اهميت ڄاڻي چڪا آهن، اهوئي سبب آهي جو هن وقت جيون ڪهاڻي ۽ خاڪا مڪمل ادبي صنف جو مان حاصل ڪري چڪا آهن.

---

عبدالقيوم صائب

# عزيز جي مضمون نويسي

## ("ادبي آئينو" جي روشنيءَ ۾)

ليکراج ڪشنچند عزيز جي حيثيت، هڪ شاعر، هڪ نثر ۽ هڪ ناٽڪ نويس جي ته آهيئي پر هن هر هڪ ڏس ۾ پاڻ مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ تنهن ۾ جيڪا ڪاميابي حاصل ڪئي آهي سا ساراهه جوڳي آهي هن جو ڪيل ادبي ڪم ڪو تنقيد کان بالاتر ڪونهي پر هن جي ڪوشش ۽ جسارت جو داد نه ڏيڻ، ادبي ڪنجوسي ۽ غلط روش ليکبي.

عزيز هڪ نثر- مضمون نگار- جي حيثيت ۾ تڏهن اڀريو جڏهن هن شاگردن ۾ تحريري مادي پيدا ڪرڻ جي خيال کان مضمون لکيا ۽ انهن جو مجموعو "ادبي آئينو" عنوان سان، پيش ڪيو. هن انهيءَ ڪتاب جي گذارش ۾ لکيو آهي. "هيءُ ادبي آئينو، منهنجن ٿورن پريشان خيالن جو مجموعو آهي جنهن ۾ خيالي، بياني، مذاقي ۽ فيلسوفانه مضمون درج ٿيل آهن، جو شاگردن ۾ تحريري مادي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ ادنيٰ کان ادنيٰ ڪرشمو آهي، سنڌي ساهتيہ ۾ هڪ معمولي اضافو ۽ ادب جي شائقن لاءِ هڪ ناچيز تحفو." مضمونن جي هن مجموعي شاگردن ۾ تحريري مادو پيدا ڪيو يا نه، سا ته خبر ڪانهي البت مضمون نگاريءَ جي خيال کان اهو خوب آهي. احسان بدوي ان کي ساراهيندي لکي ٿو،

ڊاڪٽر شاھنواز سوڍر

# سام جهلڻ - هڪ سنڌي ريت:

آروڙ جي آئيو، ڏيهن وڏائين ڏک،
لاٿائين لطيف چي، عالم تان آهک،
تن سرڙين ٿئا سک، جي آجهي آيون آبڙي. (بلاول)

قومن جي مختلف سماجي زندگيءَ جي رسم و رواج، آٿ ويهه، ڳڻ ڳوت ۽ فڪر يا سياءَ جو مطالعو ڪيو وڃي، ته معلوم ٿيندو ته هر ڪنهن قوم جي زندگيءَ جا دستور، وهنوار ۽ قانون الڳ الڳ نظر ايندا. اهو ان ڪري جو قومن جو مزاج ۽ فطرت، جن مان اهي ڳڻ جنم وٺن ٿا: اهي سندن ڌرتيءَ سان لاڳاپيل هوندا آهن. مشهور قانوندان: مانٽيسڪو (Montesquieu) جو چوڻ آهي، ته هر ڪنهن ملڪ جو قانون، ان ملڪ جي فطري حالتن مطابق اسرندو آهي. ملڪ جي طبعي بناوت، موسمي حالتون، مذهبي ڀرم، اخلاقي ۽ سياسي حالتون انسان جي سڀاءَ تي شديد طرح اثر انداز ٿينديون آهن (١).

قومن جي رواجن ۽ رسمن جي مطالعو ڪرڻ يا انهن کي سمجهڻ کان اڳ ۾ هڪڙي ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي، اها هيءَ، ته قومن جي زندگيءَ جا دستور ۽ رواج، جن تي انساني زندگيءَ جو انحصار هوندو آهي، اهي ڪو اوچتو وجود ۾ ڪو نه ايندا آهن، پر انهن جي جڙ آهستي آهستي پڪي ۽ پختي ٿيندي

ٻڌجي پوندو آهي. جڏهن ته انهيءَ جي رد - عمل ۾ اهڙين قومن جون عورتون مردن جي اڳيان پاڻ کي ڪمزور، غلام ۽ بد نصيب سمجهندڙيون آهن. دنيا جي سماجي تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي، جنهن ۾ اڪثر ڪري انهن قومن ۾ عورت کي ٻئي درجي جو انسان سمجهيو ويو آهي. مثال: اسپارٽا ۾ ان بد قسمت عورت کي قتل ڪيو ويندو هو، جنهن ۾ فوجي سپاهي ڄڻڻ جي اميد نه هوندي هئي (٣). قديم يونان ۾ اهڙيءَ عورت کي ماري ڇڏيندا هئا، جنهن کي غير فطري ٻار (Abnormal) ڄمندو هو (٤). عرب جاهليت جي زماني ۾ پنهنجين ڌيئرن کي زنده دفن ڪري ڇڏيندا هئا، انهيءَ ڪري ته جيئن سندن ڌيئرون، انهن جي پُٽن سان دستر خوان تي ساڻن ڪاڏي ۾ شريڪ ٿي نه سگهن (٥). فجيءَ ۾ اهو دستور هوندو هو ته جيڪڏهن مندر ۾ ڪتو لنگهي پيو ته ڪو به حرج ڪونهي پر اتفاق سان ڪا عورت اندر آئي ته مندر کي ڌوئي صاف ڪرڻو پوندو هو (٦).

آرين ۾ اهو رواج هو ته جنگ تي وڃڻ کان اڳ ۾ گهوٽ پنهنجي نئين شادي ڪيل ڪنوار کي قتل ڪري "اوڪا پاڪا لاهي" پوءِ هليو ويندو هو. انهيءَ ڪري ته جيئن جنگ ۾ قتل ٿي وڃڻ جي ڪري، سندس زال ڪنهن ٻئي جي ونئي نه ٿئي (٧). اهڙي قاتلانه عمل جي ڪري، سندن زالن کي هميشه موت جو خوف دامنگير رهندو هو. نتيجي ۾ نئون پرڻيل ڪنوارون (سهاڳڻيون) جڏهن به ڪو جنگ جو سلسلو ٻڌنديون هيون، ته پنهنجن مڙسن کي زهر ڏيئي ماري ڇڏينديون هيون (٨). تاريخ جي مطالعي سان پتو پوي ٿو ته انهيءَ ڇاپيٽيءَ جي ڪري آرين ۾ 'ستي لڪڙيءَ' جو رواج پيو. هن رسم ۾ شروع ۾ اهو طئي ڪيو ويو ته

جيڪڏهن ڪنهن عورت جو مڙس جنگ ۾ قتل ٿي پوي، ته ان جي لاش سان گڏ سندس زنده زال کي به چکيا تي چڙهڻو پوندو (٩). ان ڪانسواءِ اهو به فيصلو ٿيو ته جيڪڏهن جنگ ۾ قتل ٿيل جو لاش هٿ نه آيو ته اُن جي عورت، مڙس جي ڏهاڳ ۾ هميشه رنڙ ٿي ٿي زندگي گذاريندي ۽ ساڻس ڪوبه ٻيو مرد شادي نه ڪندو. دراصل هيءَ رواج رڳو مرد کي زهر کان محفوظ ڪرڻ لاءِ عمل ۾ آيو هو (١٠). اڳتي هلي هي رواج پنهنجو فطري موت مئو هجي، پر، هر حال ۾ سندس عورت کي اُن جي لاش سان گڏ چکيا تي چڙهڻو پوندو هو. اهو رواج آريائي نسل جي ڪن جاتين ۾ اڄ به موجود آهي. پر هڪڙي ڳالهه جيڪا انساني شعور کي اپيل ٿي ڪري، آها هيءَ ته انهيءَ رسم جو اطلاق برهمڻ ذات سان ڪڏهن به نه رهيو آهي (١١). البته برهمڻ خواه هندن جي ٻين تمام گهڻين جاتين ۾ اڄ به رنڙ عورت (Widow) جي شادي قطعي غير سماجي عمل ڄاتو ويندو آهي.

هن مٿين مطالعه مان اسان جو اهو مطلب آهي ته اهو ڏٺو وڃي، بلڪ ان ڳالهه تي غور ۽ فڪر ڪيو وڃي ته دنيا جي اهڙن سماجن ۾ "سام جهلڻ" جو رواج ممڪن ٿي سگهي ٿو، جتي عورت جي حرمت جي هزارين سال اهڙي تذليل ڪئي وئي هجي، جيڪا تاريخ ۾ اڄ انسانيت جي چهري تي داغ ڄاتي ٿي وڃي؟

هتي هڪڙي وضاحت به ڪندو هلان ته "سام" سنڌي (پراڪرت) لفظ آهي (١٢)، جنهن جي معنيٰ آهي "اجهو" يا "پناهه" (١٣)، مگر اجهو به اهو، جيڪو اهڙين عورتن کي ڏنو وڃي، جن جا وارث جنگ ۾ مارجي ويا هجن، يا ڪن ناگهاني مصيبتن جي ڪري اهي عورتون لاوارث ٿي چڪيون هجن، ان کان سواءِ هن

لحاظ کان دودي سومري جي شجاعت ۽ قومي ڪردار ڏسون ٿا ته هن دهليءَ جي سلطان کي پنهنجي ڌيءَ (ٻاگهي) جو سڱ ڏيئي پنهنجي بادشاهي برقرار رکڻ کي عار سمجهيو(١٧)، ڇيائونس ته مصلحت خاطر پنهنجي ڪا ٻانهي ڪٽي ڏياري موڪل جنهن تي جواب ڏنائين :

جتڙ نه، ڪڻن ڪنگرين ، راءِ نه ڪنديس ويڻ ،
جي گولي ويندي گجرين، ته ٻه چوندا دودي ڌيڻ. (١٨)

حيرت آهي تاريخ جي بي حسيءَ تي! ڇو ته تاريخ ۾ اهڙن حاڪمن کي فاتحن ۽ غازين جو اولاد سڏيو ويو آهي ، جن حڪومت خاطر پنهنجين ڌيئرن جي حرمت جي سودي بازيءَ ۾ ڪو عار يا غيرت محسوس نه ڪئي ، جڏهن ته ننگ پال سنڌي حاڪمن کي سنڌ جي تاريخ ۾ اها جڳهه نه ڏني وئي .

دراصل سنڌ جي تاريخ جو اهو الميو رهيو آهي ، ته ان جا لکندڙ اڪثر ڪري ڌاريا رهيا آهن ، جن ۾ فارسي دانن جو وڏو تعداد هيو. ۽ اهي تاريخ لکندا هئا ، يا ڪين تاريخ جي ڪوڙي شهادت لکڻ تي وڏيون اجرتون ملنديون هيون . انڪري سنڌ جي تاريخ ۾ سچائي گهٽ ۽ دروغ گوئي زياده نظر ٿي اچي (١٩) .

انهن مٿي ڄاڻايل ٻن مثالن (مرزا باقي ۽ دودو سومرو) مان اهو اندازو آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو ته سنڌي سماج ۾ جيڪا عزت ۽ احترام سنڌي مرد وٽ پنهنجين عورتن ۽ نياڻين لاءِ رهيو آهي ، اهو احترام ٻين قومن وٽ ڪونه رهيو آهي. حقيقت ۾ اهو سنڌ جو سماجي ورثوئي هيو، جنهن سنڌي مرد کي ملڪيت ۽ دولت کان وڌيڪ پنهنجي ننگ ۽ نياڻيءَ جي لڄ جو رکوالو بڻايو آهي. سومرن جي شهيد ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ٻه سنڌي عورتون دهليءَ

جي فوج جي حوالي ڪو نہ ڪيون . وطن جو هر غيور انسان سر سان ڪفن ٻڌي ڌارين سان لڙائي ڪرڻ ۾ شريڪ ٿيو. پنهنجي وطن جي مٽيءَ خاطر، ننگن ۽ نياڻين جي عزت خاطر پوڙهو توڙي جوان جنگ جي ميدان ۾ ٽپي پيو. شاهہ صاحب جي شاهدي موجب ته انهن ڪوڙين جوانن ۾ ابڙو سمو سڀني کان اڳڀرو هو، جيڪو دهليءَ جي طاقتور فوج جي اڳيان فولادي ديوار بڻجي بيٺو، پر سگهن جي عزت جو سودو هن نہ ڪيو: سچ ته هن سورهيہ سردار نياڻين جي شان کي امرتا بخشي ۽ سنڌي ريت کي تاريخ جو لازوال حصو بنائي ڇڏيو!

سرٽين جي سڪ لاءِ، سام ڪٽيمن،
جي آيون ابڙي جي آڌار، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون.

(بلاول ١ - ٢)

## حوالا ۽ نوٽس

1. Encyclopedia of Social Science Vol: I Mecmillan. Company, New York 1954, p. 129
2. Ibid. p. 129
3. Will Durant. p. 397

٤ - گستاولي بان "تمدن عرب" (اردو) مترجم علي بلگرامي، لاهور، ١٩٦٠ع، ص ٤٥٩

٥ - ايضاً، ص. ٤٥٩

6. Will Durant: "The Story of Civilization" Part. I New York. 1942. p. 35
7. Ibid- p. 495
8. Ibid- p. 495
9. Ibid- p. 495
10. Ibid- p. 495
11. Ibid- p. 495

١٢ - عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر، تحقيق لغات سنڌي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

١٣ - ايضاً.

١٤ - اسلام جي آمد ڪانپوءِ بہ بغداد جي بازارن ۾ غلام عورتن جو عام وڪرو ڪيو ويندو هو، ۽ ان لاءِ اهو جواز پيش ڪيو ويندو هو تہ، لاوارث عورتن کي اجهو مهيا ڪيو ٿو وڃي. حقيقت ۾ اهو عمل اجهي ڏيڻ يا سامن جهلڻ جو تہ ڪو نہ هو، پر ڏنڌي بازيءَ جو ضرور هئو، جنهن کي نہ اسلامي ڪردار هئو ۽ نہ انساني.

١٥ - پير حسام الدين راشدي "مير معصوم بکري" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٧٩ع، ص ١٣٨

١٦ - قانع مير علي شير. "تحفة الڪرام" (سنڌي) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٧ع، ص: ١٨١

١٧ - بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر. مقالو: "سنڌ جا سورهيہ" مهراڻ جون جوليون، مرتب سيد حسام الدين راشدي ١٩٦٣ع.

١٨ - ايضاً.

19. Sorley, H.T. "Gazetteer of W. Pakistan" Lahore, 1964, P. 408

# ڊاڪٽر ٽرمپ جون سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتون

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ صاحب جنهن نه صرف 'شاه جو رسالو' سڀ کان پهريائين ترتيب ڏئي ڇاپيو بلڪ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق پڻ ڪئي. ان سلسلي ۾ هن ڪتاب ۽ ڪي تحقيقي مقالا لکيا، تن جو سن وار تفصيل هن ريت آهي.

1. A Sindhi reading book in Sanscrit and Arabic characters. London 1858

٢- ١٨٦١ع ۽ ١٨٦٢ع ۾ جرمن رسالي ۾ ٻه مقالا ڇپيا ويا.

٣- ١٨٧٢ع ۾ سنڌس جڳ مشهور گرامر ڇپيو، جنهن جو عنوان آهي:-

Grammar of Sindhi language compared with the Sanskrit-Prakrit and Cognate Indian vernaculars.

٤- ١٨٧٦ع ۾ جرنل آف رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جي جلد ١١ ۾ مقالو ڇپيو، ان جو عنوان هو:-

Grammar of Sindhi language.

سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ جا رايا نهايت عالمانه فاضلانه آهن. قابل قدر آهن ۽ تحسين جي نگاهه سان ڏٺا وڃن ٿا. اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ قائم ڪيل سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ هي رايا اڄ به ڪنهن حد تائين درست تسليم ڪيا ويا وڃن. هو سنڌس مکيه نقط نظر ته سنڌي ٻولي نه سنسڪرتي ٻولي آهي يا

سنڌي ٻوليءَ جي محسن ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌي ٻوليءَ تي بنيادي ڪم ڪيو آهي جنهن ڪري هو سنڌي لسانيات جي ڪمتر ۾ سدائين زنده جاويد رهندو .

## حوالا


١- ارنيسٽ ٽرمپ . گرامر آف سنڌي لئنگويج ١٨٧٢ع ص ١

٢- ساڳيو ڪتاب ص ٢

٣- ساڳيو ڪتاب ص ٢

٤- ساڳيو ڪتاب ص ١

٥- ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ـ سنڌي ٻولي ص ٣٣ .


—

نور افروز خواجه

# شاهه ڪريم جو شاهه لطيف تي اثر

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن ، ۽ اڃان پيدا ٿيندا رهندا. پر شاهه لطيف ۽ شاهه ڪريم جهڙا شاعر مشڪل لڀندا.

”شاهه لطيف پنهنجي سنڌ جو سرتاج هو ته شاعر شاهه ڪريم سنڌي شعر جو وهانءُ تارو ، سنڌ جو ڄاسر ۽ شاهه لطيف جو مبشر هو“ (١)

انهيءَ ڪري شاهه لطيف کي شاهه ڪريم جي ڪلام سان دلي رغبت هئي ۽ سندس رسالو پاڻ سان هميشه گڏ هوندو هوس . اهوئي سبب آهي جو شاهه لطيف جي رسالي جي قلمي نسخن ۽ پراڻن ڇپيل رسالن ۾ شاهه ڪريم جا ڪيترائي بيت گڏ آيل آهن . انهيءَ ڪان سواءِ شاهه لطيف جي ڪن بيتن ۾ شاهه ڪريم جي بيتن جون سٽون ٻڻ ملايل نظر اچن ٿيون .

مضمون جي لحاظ کان ٻه شاهه ڪريم جي ڪلام جو شاهه لطيف جي شعر تي ٻن قسمن جو اثر نظر اچي ٿو. هڪ ته شاهه لطيف ڪيترائي بيت شاهه ڪريم جي بيتن جي پيران ڇيا آهن . جنهن ڪري شاهه ڪريم جي بيت وارو مضمون وڌيڪ واضح ٿئي ٿو. ٻيو ته شاهه لطيف شاهه ڪريم جي بيتن وارو مضمون پنهنجن بيتن ۾ پيش ڪندي جدت پيدا ڪئي آهي .

---

(١) عمر بن محمد دائود پوٽو. ”شاهه ڪريم جو ڪلام“، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز.

ڌڻيءَ جي سهاري پيو تڳجي، وٽس ٻاجھ جي ڪمي ڪانهي،
اهوئي وات ڏيکاريندڙ آهي ۽ اهوئي وات بند ڪرڻ وارو آهي،
جنهن کي چاهي عزت وارو ڪري ۽ جنهن کي چاهي ذلت ڏي.

شاهه ڪريم فرمائي ٿو ته:

وائي ٻي ۾ پل، مران موران پڪڙان،
ٻـلا سندو سڄڻين، هو هلاڇو هل.

شاهه ڪريم فرمائي ٿو ته ساراهه هڪ ڌڻيءَ کي جڳائي جو
پنهي جهانن جو والي آهي، جي سندس هيڪڙائيءَ کي مڃين ٿا،
سي ڪڏهن به راهه تان نٿا ٿڙن ۽ ڪين ڪوبہ ڏک نٿو رهي.
ساڳئي مقصد کي ذهن ۾ رکندي شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

وحد تـان ڪثرت ٿـي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هڪڙو، ٻـوليءَ ٻيءَ مَ ڀل،
هـو هـلا ڇـو هـل، ٻـاالله سندو سڄڻين.

هيڪڙائي سـان ئي ڪهڻائي ٿـي، هـيءَ ڪهڻائي سموري
هيڪڙائي آهي. ڌڻي هڪ آهي، ٻي ڪنهن به ڳالهه تي پلجي نه
وڃجي، هيءَ سمورو هل ۽ هنگامو هڪ ٻرڙيءَ جو ئي آهي.

شاهه ڪريم فرمائي ٿو ته رب وڏي شان وارو آهي ۽ پاڻ ئي
سڀني جو جوهر آهي، هو پاڻ ئي هر ڪنهن جي حفاظت ڪندڙ
۽ چاڻ رکندڙ آهي.

شاهه ڪريم:- پاڻ ئي سلطان، پاڻ ئي ڏي سنيهڙا،
پـاڻ ڪر پاڻ لهي، پـاڻ سڃاڻي پـاڻ.

شاهه لطيف هيئن ٿو فرمائي ته:

ڏکين ڏات پئو، هينئڙو لهه سنداڻ جيئن،
سنياري کي سڄئين ۾ ورچي تان نه وئو.

شاهه لطيف انهيءَ کي وري هن ريت ٿو بيان ڪري.

سهن جيئن سانداڻ، ڏڪن مٿي ڏڪڙا،
وه وڃائي پاڻ، ڏي ڌڪائون ڏڪرين.

(سر يمن ڪلياڻ)

شاهه سائين فرمائي ٿو ته اي انسان تون سانداڻ جيان ڏکن مٿي ڏک سه، عشق جي تک ۾ پاڻ فنا ڪري ترن آئلو متڪن کي مهميزون ڏي.

هنن بيتن ۾ ڏنوٽيون آهن. سڀ ۾ آهن، متڪن ۾ سنداڻ جو ذڪر ۾ آهي ته رڪ جو بيان به آهي. هنن بيتن جو ماحول اسان جي سنڌ جي عام ماڻهوءَ جو ڏٺي آهي. هر ڳوٺاڻو لوهر جي دڪان کان واقف هوندو آهي، ان ڪري لوهر جي دڪان جي ان تمثيل ڏنل ڳالهه هن جي روح ۾ رچي ٿي وڃي.

انسان خدا کي پسڻ چاهي ٿو ته اهو نينهن -نياپي سان يا خالي سڌ ڪرڻ سان نٿو حاصل ٿئي، پر اونداهين راتين ۾ اکين جي رت وهائڻ سان حاصل ٿئي ٿو.

شاهه ڪريم فرمائي ٿو ته روئڻ جا ويهه قسم آهن، انهن مان هڪ خاص خدا ڪارڻ آهي، باقي اوڻيهه قسم غيرن لاءِ آهن.
(١) پاڻ فرمائي ٿو ته:

نيه نياپي نه ٿئي، سڌين سين نه هون،
ڪارين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نه رون.

---

(١) عمر بن محمد دائود پوٽو، ”شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“ شاهه لطيف ثقافتي مرڪز.

شاهہ لطيف : سنڌيءَ مٽ ڳڙن، جهوڪ ۾ سونهن ڀيڙا،
سنڌي سنگهارن، جـوهـ جياري جـڏڙي .

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو ته :

”شاهہ ڪريم جي لهجي جي نرمي جمڪڏهن ڪنهن جي حصي ۾ آئي ته اهو شاعريءَ جو سرواڻ، سندس ڏني ٽڙ پوٽو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هو.“ (١)

اهڙيءَ طرح ڀيا ڪيترائي بيت آهن جن ۾ شاهہ لطيف، شاهہ ڪريم وارو ساڳيو موضوع، مضمون بيان ڪيا آهن .

حاصل مطلب ته ”شاهہ ڪريم جو شعر قدامت جي ڪري سنڌي ساهت جو وڏو پايو ليکيو وڃي ٿو، (٢) سندس ڪلام ۾ سچ ۽ سونهن گهڻي انداز ۾ ملندو جنهن مان رس ۽ راحت اچي ٿي . سندس ڪلام ۾ جدت ۽ انفراديت آهي . ڪيس سنڌ جو پهريون جديد شاعر سمجهي ٿو چاڪاڻ ته هن سماج ۽ ماحول جي ترجماني ڪرڻ جي جدت پيدا ڪئي آهي . شاهہ ڪريم ماحول جي ترجماني ذريعي زندگيءَ ڪي سنوارڻ جا اصول ۾ نهايت سهڻي نموني بيان ڪيا آهن . سندس شعر زندگيءَ جي تجربن ۽ سياڻپ جو آئينيدار آهي. شاهہ لطيف شاهہ ڪريم جي ڪلام جو اثر قبول ڪندي پنهنجي ڪلام ۾ جدت پيدا ڪئي آهي.

---

(١) سنڌي شاعريءَ جو مطالعو (مقالو) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادب ١٩٨٩ع سنڌ الاجي.

(٢) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ”ڪريم جو ڪلام.“

سحر امداد

## تنوير عباسيءَ جي پنهنجي اصل ڏانهن سراجت

# وڏو وهڪرو-۱

جيئن اها ڳالهه طئي آهي، تہ سنڌو سدائين نهري ڪهري سمونڊ ڏانهن ڊوڙي ٿي. جيئن اها ڳالهه طئي آهي تہ وڻ جي پاڙ سدائين ڌرتيءَ ۾ وڃي ٿي. تيئن اها ڳالهه بہ طئي آهي تہ شاعريءَ جو چشمو بہ سدائين ڌرتيءَ مان ئي ڦٽي نڪرندو آهي. تنوير عباسيءَ جي شاعري بہ سنڌ ڌرتيءَ مان ڦٽي نڪتل صاف شفاف ٿڌي مٺي چشمي وانگر آهي.

جيئن سنڌو پنهنجا وهڪرا مٽائي ٿي، تيئن ”تنوير“ جي شاعري بہ ”رڳون ٿيون رباب“ کان اڳ ۾ ۽ ”هيءَ ڌرتي“ ڪاڻپوءِ تائين مختلف مرحلا طئي ڪري، نت نون رنگن روپن سان اسان جي آڏو اچي ٿي. تنوير جي شاعريءَ جي انهن مختلف مرحلن ۽ نت نون رنگن روپن جو اڀياس ڏاڍو دلچسپ آهي. هونئن مختلف مجموعن ۽ رسالن ۾ ڇڙيل پکڙيل شاعري- خاص ڪري پهرئين مجموعي ”رڳون ٿيون رباب“ کان اڳ واري سندس شاعري هٿ ڪرڻ هڪ ڪٺن ڪم ٿئي ها؛ پر ”تنوير چئي“ ۾ تنوير عباسيءَ جي سموري شاعريءَ کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري، ان اهنجي کي سهنجو بڻايو ويو آهي.

ملائڪ خود ٿيا حيران انهي جي جر م جرات تي
ڪٿي سو بار عصيان ۽ ڪر مشت غبار آيو (٢)

تنوير جي ان دور جي شاعريءَ ۾ روايتي شاعريءَ جا سمورا لوازمات موجود آهن. انهيءَ ۾ زير اضافت، همزه اضافت، واو عطفي، سان گڏوگڏ ٺهيل ٺڪيل قافئي ۽ رديف جو استعمال به شامل آهي.

مدد اي دست جنون آهي تنگ وحشت هيءَ
جو آهي رهجي وئي دامن ۾ هڪڙي تار اچا (٣)

---

روان نہ آهي اڃا شعر تنهنجو اي تنوير
ڇڱو اٿئي تہ ڪر استاد ڪارگر جي تلاش (٤)

شاعر جي تلاش اها ”ڏوريان ڏوريانم لهان“ واري تلاش نہ هئي، جيڪا مسئيءَ ڪي پنهون لاءِ هئي، بلڪ اها تلاش محض مخصوص ”جميعت الشعرا ٽائيپ“ تلاش هئي. جنهن ۾ قافئي ۽ رديف جي پختگي، مصرع طرح ڪي نڀائڻ، دقيق ٻولي، بحروزن جي سخت پابندي لازمي هئي. تنوير پاڻ بہ انهيءَ مروج صورتحال جو تجزيو هن ريت ڪيو آهي:

”اسان جي شروعاتي دور ۾ جيڪو شعر لکيو ويندو هو يا جيڪو عام رواج هوندو هو اهو فارسي بحروزن تي هو. انهيءَ (وقت) ۾ جميعت الشعرا سنڌ جو وڏو اوج هو ۽ ان جي ڏاڍي مقبوليت هئي.“ (١)

---

(٢) ايضاً ص - ٣٨

(٣) ايضاً ص - ٣٧

(٤) ايضاً ص - ١٦

(١) ماهوار ”پروڙ“ لاڙڪاڻو (آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر) ١٩٩٠ع ص ١٦

جڏهن مان زندگانيءَ کان ويس ٿي تنگ دنيا ۾
تڏهن اي موت تنهنجي اهميت تي اعتبار آيو. (١)

---

غم ذڪر آهي تنهنجي ني وس ۾
اشڪ هارڻ ته منهنجو ڪم آهي.(٢)

جيتوڻيڪ اتي ”اشڪ“ جي جاءِ تي ”لڙڪ“ اچي سگهي ٿو. ڇو ته ٻنهي جو وزن ”فاع“ آهي. پر انهي دور ۾ ”اشڪ“ کي ”لڙڪ“ تي ترجيح ان ڪري ڏني ويندي هئي، ته اشڪ کي لڙڪ جي ڀيٽ ۾ مهذب ڪري ڄاتو ٿي ويو ۽ اهو هڪ ريڊي ميڊ معيار هو.

”جهڙي نهول نڪيل يا ريڊي ميڊ لفظ هوندا هئا. جي ”بهار“ آ ته پوءِ ان سان ”خزان“ هوندو ”بلبل“ هوندي ته ’چمن‘ هوندو. ته اهي لفظ ڦيرائي ڦيرائي استعمال ڪري لکيا ويندا هئا. حالت اها هوندي هئي، ته پنجاهه ديوان پڙهو، غزل ساڳي معنيٰ وارا هوندا هئا.“ (٣)

اها ”ساڳيائپ“ اسان کي تنوير جي شروعاتي روايتي غزلن ۾ ”فراوانيءَ“ سان ملندي:

”چلڏي نه ٻنهنجي نشيمن کي آه سان ساڙي
خزان جي وقت نه بلبل ڪڏهن چمن ۾ هجي.“

ان ”ساڳيائپ“ جو بنيادي ڪارڻ ٻنهنجي مزاج، ماحول، ٻولي، مسئلن ۽ احساسن کان بيگانگي ۽ فطرت کان ڪٽيل هجڻ ٿي

---

(١) ايضاً ص: ٣٨
(٢) ايضاً ص: ٣٣
(٣) تنوير عباسي (انٽرويو) ”پروڙ“ ص: ١٥

سنڌ ، جنهڪو ته مٽائڻ ٿو گهري تنهنجو وجود
اهڙي ڪم ظرف ۽ نادان کي ڏسي رهنداسين . (١)

هاڻي هن جي "دل جي شڪسته تار" "نغمہ انقلاب" ڇيڙڻ لاء آتو آهي ۽ روايتي دور جي "اوبرن آوازن" ۾ به هن جي روح تائين وطن جو آواز پهچي ٿو وڃي :

شايد پڪاري آ رهيو منهنجو وطن مون کي (٢)

---

روز هڪڙي نئين جفا آهي
روز هڪڙو نئون ستم آهي
سنڌ ۾ نيٺ انقلاب ايندو
منهنجي هٿ ۾ اجا قلم آهي (٣)

'تنوير' تي جڏهن "قلم جي سگهہ" آجاگر ٿئي ٿي ته هو اڳتي هلي ان سان "زماني جي ناسور لاء نشتر" وارو ڪم وٺندي "سج تريء جي هيٺان" ۾ :

اسان جو قلم محترم آ
اسان جو قلم هڪ علم آ (٤)

جهڙا نظم تخليق ڪري ٿو.

ائين 'تنوير' "تقليد" کان "تخليق" ڏانهن "اونداهہ" کان "سهائي" ڏانهن اچي ٿو ۽ 'تنوير' جي "چشم نم" انهيء ماڪ ڀنل صبح (مستقبل) جا ڏنڌلا احساس پسي ٿي، جنهڪو صدين جي ڏکهي-

---

(١) تنوير عباسي- تنوير چئي (رڳون ٿيون رباب کان اڳ ۾، ص: ٣٦
(٢) تنوير عباسي : ص : ١٨
(٣) ايضاً ص : ٣٤
(٤) تنوير عباسي، سج تريء هيٺان- ص ، ٧٤

انڌي - انڌاري رات (حال) جي اوسيئڙي کان پوءِ طلوع ٿيڻ وارو آهي ۽ سنڌس ڪن ۾ ڪان ايندڙ "ڏوهيڙي" جو سريلو ۽ مانوس آواز (ماضي) جهڙي ٿو وڃي:

صبح جو وقت! ماڪ ڪوهيڙو
دور ڪوئي ڏيئي ٿو ڏوهيڙو
چشم نم هاڻي ٿي ڏسي ڏنڌلو
جنهن ڪيو ساري رات اوسيڙو (١)

انهيءَ سوز تي ٻڌي "تنوير" جي ٻوليءَ، ورتاءَ، لاڙي، لهجي، ڪهاڻي ۽ ردم ۾ هڪ نمايان تبديليءَ جو ڏس ملي ٿو ۽ هو غزل جهڙي روايتي صنف کي به سنڌي رنگ ۾ رڱي ٿو ڇڏي:

نينهن جو سينهن ڪو وساءِ ٻرين
پاهه دل جي اڃي وساءِ ٻرين
ساهه کي منهنجي جيڪو سيبائي
گيت اهڙو اچي ٻڌاءِ ٻرين (٢)

'تنوير' ٻهريون ٻيرو سنڌي شاعريءَ جي بيحد اهم لوڪ صنف "گيت" کي پارس- صفت هٿ ڇهاءُ سان سون ڪوئي ٿو ڇڏي:

آ گيت پريت جا ڳايون
نغمن ۾ هستيءَ کي وڃائي هوا تي اڄ لهرايون
جهرڻن سان کي سر چورائي منڙا ساز وڄايون
پاڻ سان ڪڏ هن جڳ کي ٻي گيتن جي لئي ۾ وڄايون
آ گيت پريت جا ڳايون (٣)

---

(١) تنوير عباسي - تنوير چئي (رڳون ٿيون رباب ڪان اڳ ۾) ص: ٢٢
(٢) ايضاً ص: ٣٣
(٣) ايضاً ص: ٣٧

## مددي ڪتاب

(١) ايم ڪمل - ماچيس ڪٿي آ- ڪمل ڪتاب گهر الهاسنگر-١٩٨٥
(٢) تنويرعباسي -تنوير چئي- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو-١٩٨٩
(٣) تنوير عباسي- رڳون ٿيون رباب- سنڌي ڪتاب گهر- حيدرآباد-١٩٥٨
(٤) تنوير عباسي- سج تريءَ هيٺان- نـذر سنز حيدرآباد ١٩٧٣
(٥) ڊاڪٽر شيخ ابراهيم خليل - ادب ۽ تنقيد- زيب ادبي مرڪز حيدرآباد - ١٩٧٥
(٦) نارائڻ شيام - روشن ڇانورو- ڪهاڻي پبليڪيشن، حيدرآباد-١٩٦١
(٧) ماهوار "پروڙ" (آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر)، لاڙڪاڻو- ١٩٩٠
(٨) مهراڻ (ٽه ماهي)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو ١٩٦٥

---

## پي ايچ-ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست

### پي ايچ-ڊي

١- ليکڪ : غلام علي الانا

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“

سال : ١٩٧١

٢- ليکڪ : عبدالجبار جوڻيجو

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“

سال : ١٩٧٣

٣- ليکڪ : عبدالڪريم سنديلو

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”لوڪ ادب جو تنقيدي جائزو“

سال : ١٩٧٣

٤- ليکڪ : محمد صالح شاهه

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”رشيدالدين شاهه جو ڪلام“

سال : ١٩٧٣

٥- ليکڪ : عبدالمجيد ميمڻ

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”بيان العارفين جي تدوين“

سال : ١٩٧٣

٦ - ليکڪ : الهداد ٻوهيو
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“
سال : ١٩٧٧

٧ - ليکڪ : عبدالرحمان قريشي
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان : ”سروري خاندان جون علمي ۽ ادبي ديني خدمتون“
سال : ١٩٧٧

٨ - ليکڪ : عطا محمد حامي
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : ”خيرپور ميرس جي ٽالپرن جو سنڌ جي سياسي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ حصو“
سال : ١٩٧٧

٩ - ليکڪ : غلام حسين پٺاڻ
رهبر : اي - ايچ جتوئي
عنوان : ”ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ“
سال : ١٩٧٧

١٠ - ليکڪ : سيد محمود شاهه
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”مولانا تاج محمد امروٽيءَ جون ادبي خدمتون“
سال : ١٩٧٨

١١ - ليکڪ : عبدالخالق سومرو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : "علي نواز علوي ۽ سندس شاعري"
سال : ١٩٧٨

١٢- ليکڪ : عزيزالله ميمڻ
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "خيرپور جي ادبي تاريخ"
سال : ١٩٧٨

١٣- ليکڪ : محمد جمن ٽالپر
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "سنڌ جا اسلامي درسگاهه"
سال : ١٩٧٨

١٤- ليکڪ : مرزا حبيب الله
رهبر : ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
عنوان : "مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثر نويس"
سال : ١٩٧٨

١٥- ليکڪ : درمحمد پناڻ
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : "ڪراچي ضلع جو سنڌي علم ادب ۾ حصو"
سال : ١٩٧٩

١٦- ليکڪ : سيد ممتاز حسين شاهه
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : "سنڌ مدرسي جو سنڌي ادب ۾ حصو"
سال : ١٩٧٩

١٧- ليکڪ : شمس الدين عرساڻي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان :" آزادي کان پوء سنڌي افسانوي ادب جي اوسر"
سال : ١٩٨٠
١٨- ليکڪ : غلام حيدر ٻرڙو
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : "سنڌي زبان جي پاڪستان جي مختلف زبانن ۾ تعليمي ۽ ادبي حيثيت"
سال : ١٩٨٠
١٩- ليکڪ : اياز حسين قادري
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "سنڌي غزل جي ارتقا"
سال : ١٩٨٢
٢٠- ليکڪ : عبدالجبار مغل
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو علم و ادب ۾ حصو"
سال : ١٩٨٢
٢١- ليکڪ : شمس محسن عباسي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت ۽ سنڌس علمي ۽ سياسي خدمتون"
سال : ١٩٨٣
٢٢- ليکڪ : قمر جهان مرزا
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : "حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي، ادبي ، سماجي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو"
سال : ١٩٨٣

٢٣ - ليکڪ : عزيزالرحمان ٻگهيو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "سنڌي صحافت جي تاريخ"
سال : ١٩٨٣

٢٤ - ليکڪ : غلام رسول بلوچ
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان : "سنڌي ڊراما جي هڪ صدي"
سال : ١٩٨٤

٢٥ - ليکڪ : عبدالغفور ميمڻ
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "اڻويهين صديءَ جا نثر نويس"
سال : ١٩٨٤

٢٦ - ليکڪ : حامد علي خانائي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "ساهتيءَ جا علمي مرڪز"
سال : ١٩٨٦

٢٧ - ليکڪ : شاهنواز سوڍر
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف"
سال : ١٩٨٨

٢٨ - ليکڪ : غلام نبي سڌايو
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان : "حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾

علامت نگاري"

سال : ١٩٨٩

٢٩ - ليکڪ : حسن بانو سومرو

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : "شاهه جي ڪلام جي روشني ۾ سنڌي عورت جو مطالعو"

سال : ١٩٨٩

٣٠ - ليکڪ : خادم حسين قريشي

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : "سنڌ جي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو"

سال : ١٩٨٩

٣١- ليکڪ : غلام قادر سومرو

عنوان : "سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح"

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

سال : ١٩٨٩ع

٣٢- ليکڪ : بشير احمد شاد

عنوان : "مولانا ثناءالله ثنائي جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو"

رهبر : ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

سال : ١٩٩٠ع

٣٣- ليکڪ : عبدالجبار عابد لغاري

عنوان : "تاجپور جي نواب لغاري خاندان جون علمي ادبي خدمتون"

رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

سال : ١٩٩٠ع

۳۴- ليکڪ : داد محمد بروهي
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان : "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو"
سال : ۱۹۹۱ع

## ايم . فل

۱- ليکڪ : ميمڻ عبدالغفور
عنوان : " نواز علي نياز جي شاعري"
رهبر : ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
سال : ۱۹۷۵ع

۲- ليکڪ : محمد اشرف منصور
عنوان : "غزل گو شعراء ڪرام ضلع دادو"
سال : ۱۹۷۹ع

۳- ليکڪ : محمد پناه ڦرڙو
عنوان : "صوفي مت جو سنڌي ادب تي اثر"
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
سال : ۱۹۸۶ع

۴- ليکڪ : ثريا سوز ڏيپلائي
عنوان : "محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناول نگاري"
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
سال : ۱۹۸۸

۵- ليکڪ : فيروزه سمون
عنوان : "سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب"
رهبر : ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
سال : ۱۹۸۹ع

### سيمينار پيپر

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي ريسرچ جي شاگردن امام علي مرزا ۽ شڪنتلا سيوانيءَ پنهنجي ايم - فل ۽ پي ايڇ - ڊي جي مقالن مان ذيل عنوان موجب پيپر پڙهيا. ريسرچ جي ٻين شاگردن ۽ شعبي جي استادن شرڪت ڪئي.

### ڪتاب

ڊاڪٽر عبدالجبار جا ڪتاب 'ونڊسر محل جو مسافر' ۽ 'لاڙ جو مطالعو' (ترتيب) شايع ٿيا. ٻه مقالا 'لاڙ جو ثقافتي سرمايو' ۽ 'جان جيڪب' بدين ۽ جيڪب آباد جي ثقافتي ميلن جي موقعي تي پڙهيائين.

سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

هيءُ ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو
فون : 27039